
# مزدڪ جي ملڪ ۾



آفتاب سومرو

# مزدڪ جي ملڪ ۾

## (ايران جو سفرنامو)

**آفتاب سومرو**

**لبرا پبليڪيشن**

15/489 جما خان مڙي شڪارپور

ملڻ جو هنڌ :

نيشنل بڪ فائونڊيشن جا دفتر

۽ ٻيا ڪتابن جا دڪان

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | مزدڪ جي ملڪ ۾ |
| موضوع | : | ايران جو سفرنامو |
| ليکڪ | : | آفتاب سومرو |
| ڇاپو | : | نومبر 1998 |
| تعداد | : | (1000) هڪ هزار |
| قيمت | : | 50 روپيه |

ڇپيندڙ: العثمانيه پرنٽرز پٽ روڊ سکر فون: 613856

MAZDAK JEE MULK MEN
(IN THE COUNTRY OF "MAZDAK")
TRAVEIOGUE OF IRAN

BY: AFTAB SOOMRO

Published by:
Libra Publications
15-489 Juma Khan Madi
SHIKARPUR.

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ٿورا نہ ٿورا مون تي ملوڻن جا

آءُ انهن سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب جي ڇپجڻ ۾ هٿ ۽ ذهن ونڊايو، خاص طور سيد **آفتاب حسين شاه بخاري** جي پياري ۽ ترت ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ، **سائين اسماعيل** (مستقل پتو نصرت هوٽل/ حبيب هوٽل سکر) جي پيش لفظ ، (ايران ڈانهن هڪ قدم) لکيو، پياري آدرش ، جنهن تعارف لکيو

آءُ ٿاتي **سلمان** سومري جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن هن ڪتاب جا ڪجهہ حصا اردوءَ ۾ ترجمو ڪيا جي بلوچستان ۾ ڇپيا.

آفتاب سومرو
15/489 ، جما خان مڏي،
شڪارپور، سنڌ.

# ارپنا

## محترم الطاف شيخ

جي نانءُ

جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي گودڙيءَ ۾

مسلسل سفرنامن جا سچا سڪا

ڏيندو رهي ٿو.

## پيش لفظ

# ايران ڏانهن هڪ قدم

”هي ماڙي جنهن ۾ بهرام پيئندو هو، ان ۾ اڄ لومڙيءَ ٻچا ڏنا آهن ۽ شينهن ننڊ پيو آهي. اهو بهرام جيڪو جبلن تان گورخر (سنڌ جي گورخر، گورخ يا گورک جبل وارا گڏ) پڪڙي لاهي ايندو هو، ان کي گور (قبر) پنهنجي گرفت ۾ آڻي گم ڪري ڇڏيو آهي“. ”هر جاندار جي قدم هيٺان ايندڙ خاڪ ڪنهن ڪامڻيءَ جا ڪاڪُل ۽ ڪنهن محبوب جا رخسار آهن شاهي محلن جي ڪوٽن تي ٺاهيل هي جيڪي ڪنگرا ۽ قبيون ڏسين ٿو، اهي ڪنهن وقت جي وزيرن جون آڱريون ۽ بادشاهن جون منڍيون آهن. ”ڪالهه مون هڪ ڪنير کي تازي مٽيءَ کي زور سان لتون هڻندي ڏٺو، مٽي کيس چيو ٿي ته ڪجهه ته خيال ڪر مان به ڪڏهن تو وانگر ڪنير هئس“

سنڌي ويس ۾ آيل فنائيت جي فلسفي ۾ رڱيل شاعريءَ جون اهي سٽون ڪهڙي ملڪ ۽ ڪهڙي زبان جون هونديون ؟ اوهان کي مختلف خيال ايندا.

هندي ؟ نه هندي نه ٿيون ٿي سگهن. هندي شاعريءَ ۾ فلسفو آهي ٿي ڪونه وڏ ۾ وڏ ان ۾ جام، مئي ، ساقي، شباب، رباب، قاضي ۽ محتسب جو ذڪر آهي. اهو به اڌارو آهي اهو ان ڪري جو اصل هند ۾ انگور ٿيندو ئي ناهي ۽ نه وري اتي صحيح معنيٰ ۾ ڪا اسلامي حڪومت رهي آهي لفظي لحاظ کان به اهي سيئي اصطلاح ڌاريا آهن وٽن انهن معنائن لاءِ ڪو سريلو لفظ به ڪونهي اهڙي طرح سان سنڌن شاعريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ سيئي تشبيهون ، استعارا، مجاز ۽ ڪنايا ويندي قافيه رديف ۽ وزن بحر تائين سڀ ڪنهن ٻي ٻولي کان مستعار ورتا ويا آهن...

حصو گهوڙن ۽ اٺن جي تعريف لاءِ وقف آهي جاهليت جي زماني جو هڪ شاعر تہ پنهنجي محبوبہ جي سونهن کي بہ ڏاچيءَ سان تشبيهہ ڏئي ٿو. ڏهين صدي عيسويءَ جو هڪ ٻيو شاعري وري چوي ٿو تہ "ناٿ نخرن وارين سهڻين کي مان پنهنجي ڏاچيءَ جي لوڏ تان قربان ڪري ڇڏيان" !* ان کان علاوه سندن شاعريءَ ۾ نسلي فخر، جنگي بهادري، مدح ۽ هجو بہ ملي ٿي مگر فلسفو تمام گهٽ ٿو ملي.

**سنڌي** ؟ سنڌي بہ ممڪن ناهي ، اهو ان ڪري جو ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جو مرڪزي نقطو جدوجهد ۽ جاکوڙ آهي. جاکوڙ بہ اهڙي جنهن ۾ مقصد نہ ملڻ جي خواهش ٿي ڪئي وڃي تہ جيئن جاکوڙ قيامت تائين هلندي رهي، ان سان گڏوگڏ بهادري، سخاوت، سچائي، وفاداري، جنگي صبر ۽ استقلال (صبر جن جو سير تير نہ گُسي تن جو) کي بہ ساراهيو ويو آهي پر مٿين مفهوم واري گهرائي نہ ٿا ڏسون.

**افغاني** ؟ خوشحال خان ۽ عبدالحميد هوتڪي جي جابلو ٻوليءَ ۾ اهڙن نفيس فلسفن جي اظهار جي سگهہ ئي ناهي.

**ترڪي** ؟ ترڪي شاعري اجا چنگيزيت کان نہ نڪري سگهي آهي. انهن جي شاعري ۾ اوهان کي باهہ ۽ بارود تہ ملندا مگر فلسفو بلڪل نہ. هونئن بہ ترڪ لاءِ فلسفو ائين آهي جيئن هرڻ لاءِ پاڻي يا رڍ لاءِ رباب.

**مغربي**؟ مغرب جي شاعري کي شاعري چوڻ مشرقي، انسان جي توهين آهي. مغرب رڳو نثر پيدا ڪيو آهي. ها، سندن نثر ايڏو اعليٰ قسم جو آهي.جو ان تي افغاني،ترڪي ۽ هندي شاعري قربان ڪري سگهجي ٿي.

**پارسي** ؟ ها پارسي. پارس (فارس يا ايران) هڪ اهڙو مُلڪ آهي. جنهن جي شاعري تان وري ساري مشرق جي شاعري ۽ مغرب جو نثر قربان ڪري سگهجي ٿو. مٿيون ستون پارسي شاعريءَ جون آهن ۽ شاعر آهي. **عمر خيام**. سندس اصلي ستون هي آهن.

اين قصر کہ بهرام درو جام گرفت
روبہ بچہ کرد و شير آرام گرفت
بهرام کہ گور مي گرفتي دائم

**3**

### امروزنگر کہ گور بھرام گرفت

خاکی کہ بہ زیر پائے ھر حیوانست
زلفی صنمي و عارضے جا نانست
ھر خشت کہ برکنگرہ ایوانست
انگشت وزیرے و سري سلطانست

دي کوزہ گري دیدم اندر بازار
بر تازہ گلے لکد ھمي زدبسیار
آن گِل بزبان حال میگفت بدو
من ھمچو تو بُودہ ام مرانیکودار

عشق جي فلسفي تي ڳالهائيندي هُو چوي ٿو

ازباد صبا دلم چو بوئي تو گرفت
بگذاشت مرا و جست وجوئي تو گرفت
اکنون زمن خستہ نمي آردیاد
بوئي تو گرفتہ بود خوئي تو گرفت

صبح جي هير مان جڏهن منهنجي دل کي تنهن جي سرهاڻ آئي تہ مون کي ڇڏي تنهنجي ڳولا ۾ لڳي وئي. هاڻي تہ هوءَ مان مسڪين کي ياد بہ نہ ٿي ڪري. تنهنجي بوءِ آئي ، ان ڪري سندس خوءِ (عادت) بہ تو جهڙي ٿي وئي.
انسان جي علمي حيثيت بابت چوي ٿو:

چون نیست حقیقت و یقین اندر دست
نتوان بامید شک ھمہ عمر نشست
ھان تا نہ نھیم ساغر زدست
در بیخبري مرو چہ ھشیارچہ مست

اسلام کان تقريبن هڪ هزار سال کن اڳ ايران پنهنجي سلطنت قائم ڪئي هئي گهڻ ۾ گهڻ ويهه مملڪتون ، سندس امپريل ڪامن ويلٿ جو حصو رهيون جنهن ۾ نيل جي ڊيلٽا، گريڪ آئلينڊس ۽ پون وچ سمنڊ جي ٻين ڪنارن کان وٺي ڪاشغر جي ميدانن ۽ پامير جي جبلن تائين وارا علائقا شامل هئا. ان هزار ساله عرصي دوران ايراني، يورپي ملڪن جي نمائنده بادشاهت "رومن ايمپائر" سان وڙهندا رهيا انهن جنگين کي ڪلاسڪ گريڪ لٽريچر محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. ان کان علاوه يهودين جي مقدس ڪتابن ۾ به ايراني بادشاهن جو ذڪر اچي ٿو جن جي عظيم ترين بادشاه سائرس دَ گريٽ (ڪوروش ڪبير) عراق فتح ڪرڻ کانپوءِ ڪين 537 قبل مسيح ۾ بابُل جي جلاوطني ۽ غلاميءَ کان آزاد ڪري پنهنجي اصلي وطن يروشلم ڏانهن واپس وڃڻ جي اجازت ڏني هئي (**گرانڊپا ڊيوڊ** تي ان احسان جي ڪري شايد امريڪي جيوري، انڪل سام کي ايران خلاف قدم کڻڻ جي اجازت نه ڏني آهي. خود قرآن مجيد ۾ به سورته روم جو نالو، ايراني، رومي جنگ جي ڪري پيو آهي.

ايرانين جي سياسي عظمت سن 642 عيسوي ۾ عربي فتح سان ختم ٿي وئي. پر ايران جي ثقافتي عظمت خود عربن کي فتح ڪري ڇڏيو. عرب بادشاه، (خليفا) ايراني طرز جي ريشمي پوشاڪ پائي، ايوان ڪسريٰ جهڙي محلن ۽ ماڙين ۾ رهڻ لڳا. سندن دربار به ايراني شان ۽ شوڪت اختيار ڪيو ٻئي طرف سياست ۽ انتظاميه جي موضوع تي اٺن جلدن تي مشتمل فارسي انسائيڪلو پيڊيا ترجمو ڪرائي، حڪومت هلائڻ لڳا - سندن سول ۽ مليٽري بيوروڪريسي ان فارسي فلسفه حڪومت تي منظم ڪئي وئي. ايراني اصولن تي قائم ٿيل اها بادشاهي 750 عيسوي کان 1250 تائين قائم رهي. ان پنج سو ساله عرصي دوران جيڪي به علمي ۽ فلسفي شخصيتون مشرق ۾ مشهور ٿيون ، اهي سڀ ايراني هئا. " ڪتاب الموسيقي الڪبير" جو مصنف ۽ [illegible]

**فارابي**، ”ڪتاب الشفاءَ جو ليکڪ ۽ مشائي فلسفي جو ٽيون استاد **ابو علي ابن سينا** ، تهافت الفلاسفہ“ جو خالق ۽ الهيات ۾ منطقي اصولن جي خلاف ويندڙ فلاسافرس جو شديد ناقد **امام غزالي** ڪيميا جو ابو ۽ سائنس کي الهيات جي مدد سان هلائيندڙ **جابر بن حيان** الجبرا جو موجد ۽ عربي سائنس ۾ سنڌي انگن جي نظام جو تعارف ڪرائيندڙ **محمد بن موسيٰ خوارزمي**، شمسي ڪيلينڊر ناهي، دنيا جي گردش تي لعنت ڪرڻ کان پرهيز ڪندڙ (اسان وارو فلسفي شاعر) **عمر خيام**، ميڊيڪل سائنس تي انسائيڪلو پيڊيا لکندڙ **امام رازي**، عرب تهذيب جو اينتالاجسٽ **ابو الفرج اصبهاني**، غنائيات جو امام ۽ اسپين ۾ شاهي طبقي جي عورتن جو فيشن اسٽار، **زرياب** اهي سڀ ايراني هئا. حديث جي ڇهن صحيح ترين ڪتابن جا مولف، درس نظاميءَ ۾ شامل علم الفقہ ۽ اصول فقہ علم اصرف و النحو، علم الفصاحتہ و البلاغته (بيان ، معاني، بديع) علم المناظره والاستدلال جي ڪتابن جا ليکڪ ۽ شارح بہ ايراني آهن. سنڌين جي چئني صوفي سلسلن (قادري، چشتي، سهروردي ، نقشبندي) جا سرواڻ بہ فارسي آهن. پريڪٽيڪل سائنسز ۾ عمارت سازيءَ جو فن بہ عربن کي ايران کان مليو مذهبي نيم مذهبي جاين تي قبا ، محراب، منارا ايران کان آيا. (بيت الله شريف تي ڇت سنڌي آهي ۽ ان ۾ ڪوبہ منارو ونگ يا محراب ناهي) ساڳئي طرح گهرن ۾ ورانڊا دربون، روشندان، فرش ۾ سنگ مرمر جو استعمال وغيره بہ ايراني تهذيب کان اسان کي ورثي ۾ مليا. اهڙي طرح قالين ۽ فرنيچر بہ فارسين کان ورتا ويا. مشرق ۾ باغباني جي فن جا موجد بہ ايراني آهن. سندن پهريون رڪارڊ باغبان سائرس ڏينگر (ڪوروش صغير- 401-450 ق م) سمجهيو ويندو آهي. ان جي شاهدي يوناني رائيٽر **زينوفون** ڏني ٿو هو لکي ٿو تہ سائرس بذات خود ليساندر کي، سارديس شهر ۾ پنهنجو باغ ڏيکارڻ لاءِ وني ويو، باغ ۾ تربيت سان لڳل سهڻا وڻ ڏسي ، گلن جو واس وننڌي هن شاهانہ شان وشوڪت ۾ پربل، ايراني انسان کي چيو تہ باغبان، جيوميٽري جو ماهر ۽ جماليات

جو عاشق ٿو ڏسجي اهو باغبان ڪير هوندو ؟ سائرس جواب ۾ چيو ته اهو شخص مان ئي آهيان.

چار سو ٽيهه قبل مسيح جي سائرس صغير کان وٺي ، سورنهن سو ستهتر بعد مسيح تائين واري ٻه هزار ساله ڊگهي تاريخ دوران، ايراني پنهنجي باغباني واري تهذيبي ورثي کي پاڻي ڏيندا آيا. ليجنڊ جي حد تائين مشهوري حاصل ڪندڙ ايراني باغن متعلق زان ٽيوويني جنهن پنهنجي حياتي ايران، شناسيءَ لاءِ وقف ڪئي هئي ان سرزمين تي نو رومانٽڪ حملا ڪيا هئا، 1677 ۾ لکي ٿو ته ايراني باغ پنهنجي شهرت کان تمام وڌيڪ سهڻا آهن. هر باغ جي چوڌاري ديوار ڏنل آهي ۽ ان جي جنت جهڙي ٽڪري کي هوُ پيراڊائز (پيراڊائز، قديم فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي ديوار ڏنل: پيري، چوڌاري ۽ ديز : ديوار) چون ٿا ديوارن مٿان ڪبوترن لاءِ ٽاور ٺهيل آهن. اصفهان شهر جي ٻاهران شاه عباس جي ”هزار جريب باغ“ ۾ اهڙا ٽي هزار ٽاور آهن هر ٽاور ۾ هزار ڪبوترن لاءِ جاءِ آهي. ان حساب سان جڏهن ٽيهه لک ڪبوتر پنهنجا پرڙا پڪڙي ٽاورن تي لهي گهوگهٽ گهو شروع ڪندا هوندا ته ماحول تي سحر طاري ٿي ويندو هوندو، اهو ئي سبب آهي ته جڏهن فارس جي عيسائي قبيلن لاءِ ڪبوتر پالڻ غيرقانوني قرار ڏنو ويو. ته اهي مسلمان ٿي پيا ، (ڪيوپيڊٽي ۽ رليجن جي جهيڙي ۾ ايران ۾ ڪيوپڊ کٽندو آهي) هو چوي ٿو ته، باغ ۾ اندر، سرو، سنبل، بادام، ناسپاتي، چنار پاپلر، ايش، ايلم، لائيم، پستا چيو، وال نٽ، چيسٽ نٽ، مرٽل ۽ زردالن جا وڻ، ساڳئي فاصلي سان سهڻين قطارن ۾ لڳل آهن، ڪنارن سان ياسمين، نرگس، گلاب ، لاله ۽ ٽيولپ، جا ٻوٽا پنهنجن رنگ برنگ گلن سان فضا کي سونهن ۽ سرهاڻ آچيندا رهندا آهن. هو لکي ٿو ته هي هڪ وٺندڙ حيرت جي ڳالهه آهي ته فارسين سيني گلن کي سهڻا نالا ڏنا آهن، پر روز فلاور کي انهن ڪوبه نالو نه ڏنو آهي ان کي صرف گل چوندا آهن (سنڌي ٻوليءَ ۾ به ان کي گلاب جو گُل چيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي گل جي عرق وارو گل )

ايران ۾ اهو گل مختلف رنگن جو ٿئي ٿو. اڇو، پيلو ۽ ڳاڙهو، هڪ قسم ته بالڪل ئي خشخش جي گل وانگر گهري ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. هڪ گل مان اهڙي قسم جو ڏٺو جيڪو ٻاهرين پاسي کان پيلو هو ۽ اندرين پاسي کان ڳاڙهو ان کي فارسي دو- روية چون ٿا. ڪي گلن جا ٻوٽا مان اهڙا به ڏٺا جن ۾ سيني رنگن جا گل ٻينا هئا.

فارسي، روز گلاور کي تمام گهڻن طريقن سان ڪم آڻين ٿا. ڪن ۾ هٽي يا هٽ ۾ ڪٽي گهمن ٿا. ڪنهن پوتار، دوست، ۽ شناسا کي سٺي خواهش طور آڇين ٿا. گلدستن ۾ سجائي رکن ٿا. دعوتن جي موقعي تي سرو وڻ جي شڪل ۾ سينگاري بيهارين ٿا صاف پاڻي جي حوضن ۽ تلاون تي تارين ٿا. ۽ اهي ايڏي گهڻي انداز ۾ هوندا آهن، جو ڇڻ گلن جي چادر وڇايل آهي، پاڻي به نظر نه ايندو آهي. رڳو جڏهن هوا جي جهوٽي تي گل رقص ڪرڻ شروع ڪندا آهن ته پاڻيءَ جي جهلڪ نظر ايندي آهي. گلن جا بال ئاهي بازار ۾ وڪڻندا آهن. گلن جو عرق ڪڍي ، طاسن ۾ وجهي مهمان کي اگريون پوڙڻ لاءِ ڏيندا آهن.

باغن جي اينجوائمينٽ متعلق هو لکي ٿو ته ايراني ماڻهو يورپي ماڻهوءَ وانگر رڳو باغن ۾ گهمندا ناهن. اتي سمر هاؤسز ۾ ڦوهارن جي پرسان ويهي فلسفيانه بحث ڪندا آهن، ميوزڪ ٻڌندا آهن ۽ بهار جي موسم ۾ مينهن وسڻ جو نظارو ڪندا آهن (سنڌي به ائين ڪندا آهن، پر ڪنهن فلسفي تي بحث ۽ ميوزڪ ٻڌڻ کان سواءِ رڳو سائي پي تاش کيڏندا آهن.)

هڪ ٻيو سياح براؤن چوي ٿو ته اصفهان کان پوءِ، شيراز باغن جو شهر آهي ، اتي مان باغ دِل- ڪشا ، باغ جان نما ، باغ تخت، باغ شيخ، باغ چهل تن، باغ هفت تن، باغ رشڪ جنت گهمي ڏٺا ، اهي ته ڪجهه باغن جا نالا هئا. مان "ڪوئي برف" جي چوٽيءَ تان ڏٺو ته سارو ميدان باغن سان ڀريل هو. اهڙي طرح سان تهران به باغن جو شهر آهي پر ان ۾ رڳو مغربي طرز جا باغ آهن. جيرانيم ٻوٽن ۽ سهڻي نموني ڪٽيل لانس

اهو هيو سترهين صدي تائين وارو ايران، ارڙهين صدي ۾ ايران جو زوال شروع ٿي ويو- 1722 عيسوي ۾ غلجي افغانن جي ور چڙهي ويو- ست سال افغاني دور ۾ ايران تباهه ٿي ويو. سندن شهر ويران ٿي ويا ، باغ اجڙي ويا. ويهه لک ايراني اجل جو لقمو بڻيا. نادرشاهه افشار، اوترائي افغان ماري، سندن ملڪ فتح ڪري ايران کي پنهنجي پيرن تي واپس آندو. مگر سترهن سالن اندر 1747 عيسوي ۾ هو پنهنجن ايرانين هٿان قتل ٿي ويو. ان کان پوءِ ايران ۾ زند خاندان ( -1750 1794) قاچار خاندان (1795-1924) ۽ پهلوي خاندان (-1925 1979) آيا، پر ايران پنهنجي سابقه عظمت بحال نه ڪري سگهيو. انهن صدين ۾ عثماني ، روسي ۽ برطانوي باد شاهتون ايران کي وڪوڙي ويون ۽ ايمپائربلڊر ايراني پنهنجي دفاع ۾ پورا رهيا. آخري خاندان برطانوي ۽ روسي تسلط کان بچڻ لاءِ پاڻ کي امريڪا جي جهوليءَ ۾ اڇلي ڇڏيو. جنهن رهيل سهيل تهذيب جا آثار به مٽائڻ شروع ڪيا. ايراني قوم کان اهو برداشت نه ٿيو انهن پهلوي خاندان کي جلاوطن ڪري ايراني قوميت ۾ رنگيل، ايراني عالمن کي پنهنجو سرواڻ بنايو.

عالمن جو اهو ايران **آفتاب** گهمي آيو آهي. هو اسان کي ان جي باري ۾ٻڌائي ٿو. پر هو پنهنجي سفرنامي ۾ يورپين وانگر ايران لاءِ رومانٽڪ نٿو ٿئي.، ان جو به سبب آهي يورپي ماڻهن لاءِ ايران جي عظمت بائبل ڪلاسيڪل گريڪ لٽريچر، گريڪ ۽ رومن ايمپائر جي تاريخ جو حصو آهي. انهن کي بائبل ايتري تائين سمجهه ۾ نه ايندو جيتري تائين ايران کي نه سمجهندا. اهڙي طرح قديم يوناني ادب، يوناني ۽ رومي تاريخ جي پروڙ جو دارومدار به ايران شناسي تي آهي. اسان وٽ ائين ناهي اسان جي مقدس ڪتابن ۾ ڪٿي به ايران جو سنئون سڌو ذڪر ناهي" "ذوالقرنين" جنهن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ اچي ٿو. ان کي اسان سڪندر يوناني سمجهيو ويٺا آهيون. قرون وسطيٰ واري عربي ادب کي به اسان عرب جو ورثو سمجهون ٿا ان ڪري اسلامي دنيا جو ماڻهو ايران کي دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ وانگر گهمي ڦري ڏسي ٿو. البت

فرق محسوس ڪندي چوي ٿو تہ سرحدي چوڪين وٽ ئي تهذيب الڳ ٿيڻ شروع ٿئي ٿي. اسان واري پاسي صفائي ۽ مسافرن جي سهوليت جو ڪوبہ انتظام ناهي. جڏهن تہ ٻئي طرف آفيسون نهايت صاف ۽ مسافرن جي سهوليت سان آراستہ آهن. عملو بہ نهايت مهذب آهي ۽ چند منٽن اندر ايران ۾ داخل يا خارج ٿيندڙ کي فارغ ڪريو ڇڏي. آفتاب لکي ٿو اسان ٻڌو هو تہ ايران جا روڊ اهڙا آهن جو هلندڙ بس ۾ ماڻهو چانهن پي سگهي ٿو واقعي اسان کي روڊ اهڙا لڳا. هو چوي ٿو تہ ان ۾ ڪجهہ بس ۽ لارين جو بہ دخل آهي. اتي هلندڙ بسون سڀ جرمنيءَ جون آهن جن ۾ اهڙو نظام رکيل آهي جو مسافر کي جهاڪن هوندي بہ ڪو لوڏو نہ ايندو. آفتاب ڪان دشت لوٽ (اصل لفظ لوٽ آهي جن کي فارسين "ٽ" نہ هئڻ ڪري "ت" ۾ بدلائي لوت ڪري ڇڏيو آهي لوٽ سنڌي ۾ سڪل کي چوندا آهن (ياد رهي تہ اسلام کان اڳ سنڌ **ڪرمان** تائين هئي) جنهن جي سونهن جو نظارو ڪندي تهران رسيو آهي جتان هو پوءِ پنهنجي قافلي سوڌو موجوده انقلاب جي خالق شهر **قم** مقدس پهتو آهي. اتي هو شڪايت ڪندي چوي ٿو تہ جنهن سرڪاري آفيسر جا اسان مهمان ٿيڻا هئا سين اهو اتفاق سان موجود نہ هو ۽ اهڙو ڪو بيو انچارج آفيسر بہ نہ مليو جيڪو پنهنجي بالاآفيسر جا فرائض انجام ڏئي سگهي. ان ڪري اسان کي راتورات تهران واپس ٿيڻو پيو، اهو بالڪل عربي ادب جي ان ٽوٽڪي وانگر ٿيو جنهن ۾ بادشاه هڪ عالم کي قم شهر جو قاضي ڪري موڪليو هو، اجا اهو عالم قم پهتو ئي مس هو تہ بادشاه جي ذهن ۾ تجنيس حرفي تي مشتمل هڪ جملو ٺهي ويو. هن اهو جملو لکي هڪ قاصد جي هٿان قاضي صاحب ڏي موڪلي ڏنو. قاضي صاحب شاهي قاصد کان خط وٺي جڏهن کوليو تہ ان ۾ لکيل هو. "ايها القاضي بقُم قد عزَلناک فقم" قم جا قاضي اسان توکي لاهي ڇڏيو هاڻي قم (يعني هلي پئہ) آفتاب وارن سان بہ ائين ٿيو مگر ڪنهن سرڪاري جملي کانسواءِ ممڪن آهي. سرڪار پاران بہ ڪو اهڙو جملو آيو هجي جيڪو هنن کي ڏيکاريو نہ ويو هجي. بهرحال اسان جو

سياح تهران موٽي آيو. هن اتي پريزيڊنسي ۾ امام خامنہ اي (ايراني انقلاب جي رهبر جي جانشين) جي تقرير ٻڌي پر ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ڇوتہ تقرير فارسيءَ ۾ هئڻ ڪري، هن ڪي سمجهہ ۾ نہ آئي هن اتي ايراني نوجوانن سان انقلاب جي سختين متعلق بحث ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي پر ڇوي ٿو تہ سيئي انقلاب جي دفاع ۾ ڳالهائي رهيا هئا. مارڪسي دانشور هئڻ جي حيثيت سان هن کي پاڻ کي بہ محسوس ٿيو هوندو تہ انقلابين جي حڪومت ۾ اهڙن نوجوانن جو دفاع ڪيڏو نہ سچو هوندو آهي. سوويت يونين ۾ جيڪو ائين نہ ڪندو هو تہ ان کي چريـن جي ڊاڪٽر ڏانهن وني ويندا هئا. جيڪڏهن ڊاڪٽر چريائپ جو ڪيس سرٽيفڪيٽ نہ ڏيندو هو تہ پوءِ ٻنهي کي سائبيريا اماڻي ڇڏيندا هئا. تہ جيئن سندن گرم دماغ ٿڌو ٿئي اتي وري دماغ سان گڏ سندن رت بہ ٿڌي ٿي ويندي هئي. سولزي نتسن الائي ڪيئن بچي آيو.
تهران ۾ هو (نائب) امام خمينيءَ جي مزار، شاهہ عظيم جو مقبرو ۽ بهشت زهره جو شهر خموشان گهمڻ ڪان پوءِ پنهنجي لڏي سوڌو اصفهان اچي ٿو. هن اتي **زائنده رود** تي نهيل تفريحي مقام ”پل خواجو“ گهمي، جتي ايراني خاندان، انقلاب جي اثرن کي درياهہ ۾ وهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا ها هن ”مينار جنبان“ بہ ڏٺو جنهن کي لوڏي هن پيزا جي ليننگ ٽاور کي چيڙائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن **آتشگاه** جي بہ زيارت ڪئي جتي هن مارڪسي نقطہ نظر کان ، ايران جي پري - اسلامڪ آتشي دور ۾ مذهبي استحصال تي غور ڪيو جڏهن تہ سندس ساٿي پروفيسر ولي محمد مذهبي تقدس جو خيال نہ ڪندي پيشاب ڪيو. هن علي قاپي (Lofty gute) جي بہ عمارت گهمي ڏٺي. هشت بهشت جو بہ سير ڪيو مسجد شيخ لطف الله جو ٻن نفلن جي دير تائين نظارو ڪيو. هن سنڌ جي عظيم شصت وشش آرچز (66 درن) واري پل کي ياد ڪندي، زائنده رود تي نهيل سي وسہ آرچز واري پل تي بہ ڪجهہ گهڙيون گذاريون هن اصفهان ۾ ”چهل ستون“ واري جاءِ بہ ڏٺي جنهن جي باري ۾ يورپين جو خيال آهي تہ اها عمارت انسانن جي نهيل




ملت پارک ( مشهد)








ليکک نشان آزادي (مشهر)




ليکڪ فردوسي جي مزار اڳيان



ڪروج جي هاسٽل ۾





ليکک " مينار جنبان " مان جهاتي پائيندي



ليکڪ نادر شاھ جي مقبري اڳيان




امام رضا جي روضي ٻاهران ( مشهر )

هي ڇا ٿو ڪرين، تون پنهنجي ان فارسي سان اسان کي هيٺ لهرائيندين) پر نہ هن ڳالهايو ۽ نہ هن سوچيو ۽ فارسي ڊرائيور هئن کي لاهي ڇڏيو. منهنجي خيال ۾ فارسي ڊرائيور غلط ڪيو. ان کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي ها جيئن اسپينش ڳالهائيندڙ ميڪسيڪن ڊرائيور ، انگلش ڳالهائيندڙ امريڪن سواريءَ سان ڪيو هو. ٿيو ائين جو يانڪي ٽيڪسي ۾ ويهندي ئي ڊرائيور سان اسپينش ۾ ڳالهائڻ شروع ٿي ويو ڊرائيور صبر سان ٻڌندو رهيو ۽ ٻي دليءَ سان سندس سوالن جا جواب بہ ڏيندو ويو جڏهن منزل مقصود تائين پهتا تہ ڊرائيور ڪانئس ڳالهايل ڀاڙي کان ڊبل پيسن جي گهر ڪئي. امريڪن احتجاج ڪيو تہ هن ڪيس چيو تہ مون کي اها خبر ڪونہ هئي تہ تون واٽ سان "اهڙي اسپينش" ٻولي ۾ بہ ڳالهائيندو هلندين، هاٽي شابس پيسا ڪڍ . امريڪن گهڻي جهڳ جهڳ ڪئي پر ڪيس ڊبل ڪرايو ڀري ڏيڻو پيو. ايراني شايد اڃا اهڙي چالاڪي نہ سکيا آهن جو يانڪيءَ کان ڊبل پيسا ڀرائي وٺن"

اصفهان کان پوءِ ، اسان وارو سيلاني، جهاز رستي مشهد پهتو آهي جتي هن **امام رضا** جي روضي جي زيارت ڪئي، ان کان پوءِ مشهد کان 25-24 ڪلوميٽرن تي واقع ابوالقاسم فردوسيءَ جي مزار ڏني ۽ پر ۾ ، نهيل ميوزم ۾ شاهي سائز ۾ ترتيب ڏنل ٽيهتر ڪلو وزني لکيل شاهنامي جون ڪجهہ سٽون پڙهيون. واپسيءَ ۾ "هارونيہ" جي عمارت کي حيرت ۽ عبرت جي اکين سان هٿ لائي ڏٺو. ساڳئي رستي سان هو "مشرق جي نيپولين " نادرشاه جي آرامگاه تي ترسيو اتي سندس، گهوڙي تي نهيل مجسمو بہ ڏٺو سندس هٿ ۾ کهاڙي هئي ۽ هو افغانستان ڏي خوني نظرن سان نهاري رهيو هو (نادرشاه ڏهن سالن کان ايران تي قابض غلزئي افغانن کي کهي ايران واپس ورتو هو ۽ پوءِ پري اسلامڪ ايران جي شاهنشاهيت بحال ڪرڻ جي ارادي سان اهي سيئي علاقا فتح ڪياهئا جيڪي ايران ۾ شامل سمجهيا ويندا هئا ، انهن ۾ سنڌ ، بلوچستان ۽ افغانستان اچي وڃن ٿا ) واپس مشهد پهچي اسان کي مشهد جي پنهنجي ۽ مشهد ۾ نهيل جاين جا موجوده ۽

تاريخي تفصيل تمام سهڻي نموني ٻڌائي ٿو. مشهد مان هو هوا جي دوش تي سوا رتي زاهدان تو پهچي اهڙي طرح سندس ايران جو سرڪاري سفر مڪمل ٿئي ٿو. افسوس جو هن ايراني شاعريءَ جو شهر شيراز نه گهميو شايد ٻئي ڪنهن دفعي....

**آفتاب** - جنهن ڪي گذريل چوٿائي صديءَ کان مان اهڙو ئي ساڌو، سچو، مختلف موضوعن سان **ڪيچل** ڪندڙ ڪتابن جو حريص ۽ انقلاب لاءِ هٿ پير هڻندڙ ڏسندو پيو اچان- پنهنجي سفرنامي ۾ جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي اها نهايت سهڻي آهي. اها ئي ٻولي جيڪا هڪ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهو ڳالهائيندو آهي. هن پروفيسر عبدالرشيد ميمڻ جي اصطلاح ۾ ”سياويڪي اديب“ ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي (سياويڪي اديب سنڌ جا اهي اديب آهن، جن سنڌيءَ ۾ هندي لفظ استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي. اهي لفظ تمام گهڻا آهن پر هتي نموني طور ڪجهه ڏجن ٿا، ارپنا، شپ، پتر، پريمڪا پستڪ، پرش، پولار، ڪاٿي اٿا وڌائي انياءَ، وغيره) اسان جي ليکڪ لاڙي ٿيڻ جي به ڪوشش نه ڪئي آهي جيئن ڪجهه اتر جا اديب ڪندا آهن انهن جو خيال آهي ته رڳو لاڙ جي سنڌي معياري ٻولي آهي ان ڪري ويچارا پنهنجي لکڻين کي غيرضروري لفظن سان ڀري ڇڏيندا آهن. هن جي سنڌي ”ريختي سنڌي“ هئڻ جو به تاثر نه ٿي ڏي (ريختي سنڌي اهڙي سنڌي ٻوليءَ جو بگڙيل قسم آهي جنهن جي تنڪير تانيث ۽ جملن جي بيهڪ هندستان جي يوپي رياست جي ٻوليءَ جي تابع هوندي آهي) اهڙي پاڪ ۽ نج سليس ۽ آسان ٻولي، اسان کي اڳي سنڌ جي ميڪيا **ولي پير علي محمد راشدي،** ۽ سنڌ جي جديد سندباد **الطاف شيخ** ڏني آهي، اهڙي سهڻي سنڌيءَ ۾ ايران جو سفرنامو آڻڻ تي اسان کيس صوفياڻو ازرقي سلام آڇيون ٿا. اميد آهي ته هو ساڳئي اسلوب ۽ اسٽائيل واري سنڌيءَ ۾ سنڌي ادب کي اهڙا ٻيا ڪتاب به آڇيندو رهندو.

**ايم . آئي. سنڌيار**

# مزدڪ جي ملڪ ۾

ايران جي عجيب و غريب سرزمين تي مزدڪ پنجين صدي عيسويءَ ۾ ساساني دور ۾ جنم ورتو هن کي اوائلي اشتراڪي پڻ چيو وڃي ٿو سندس تعليم ۽ تحريڪ صدين جي سفر جي منزل ۽ ”جوهر“ هئي تمام ڏگهي رات ڪانپوءِ صبح جي ڪا پهرين روشني هئي اهو ئي سبب آهي جو مزدڪ جي آواز تي عوام الناس تمام جلد لبيڪ چئي ۽ سندس نظرئي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سر ترئيءَ تي رکي هن سان شامل ٿيا.
ان دور ۾ هر پاسي کان اونده هئي عام ماڻهوءَ لاءِ صرف عذاب ئي عذاب هيو، خاص طور ايران جي اندر، طبقاطي، مذهبي ۽ ٻين بنيادن / فرقن جي حوالي سان ظلم سهڻ کان علاوه عام ماڻهوءَ لاءِ عورت جو حصول هڪ وڏو مسئلو هيو. ڇوته گهڻو ڪري عورتون وڏن ماڻهن، نوابن ۽ مذهبي آقائن جي حرم سرائن ۽ عياش گهرن ۾ رکيون ويندييون هيون. اتي وڏن گهراڻن جا مرد پنهنجن ويجهن عورتن سان به لطف اندوز ٿيندا هيا ۽ ان لاءِ انهن عجيب بهانا ۽ قانون جوڙيا هئا انهن جو اصل مقصد صرف ۽ صرف اهو هيو ته انهن جون پنهنجون عورتون (ڀيڻ ڌيءُ وغيره) به انهن جي عياشيءَ جو سامان ٿين ۽ اهي ڪنهن ٻئي مرد جي واسطي ۾ نه اچن ايستائين جو اهي قريبي رشتن سان شادي به ڪندا هئا جنهن کي هو ”خوته دسي“ چوندا هئا اهڙو ذڪر معز الدين اسعد گرگاني جي منظوم فارسي قصي ”ديس در امين“ ۾ ڪيل آهي جنهن ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ جي عشق جو ذڪر ڪيل آهي ان وقت مزدڪ نعرو هنيو ”**اشتراڪ زن و اموال**“ مزدڪ جي تحريڪ جو هڪ اهم حصو اهو هيو ته حرم سرائن ۾ گهڻين عورتن رکڻ جي شاهي رواج کي ختم ڪجي ۽ هر شخص کي شادي جو حق ڏجي. هن بنا ڪنهن رنگ، نسل ۽ طبقي

وغيره جي امتياز جي شادي ڪرڻ جي تبليغ ڪئي جنهن تي اتان جا مذهبي آقا، شاهي خاندان جا مرد ۽ نواب مچرجي پيا. هن جي نعري "اشتراڪ زن واموال" مان غلط ماڻهن غلط فائدي وٺڻ جي ڪوشش به ڪئي ۽ ان کي غلط استعمال ڪندي انهن هنگاما به ڪيا. قرلت ڪئي ۽ حرم سرائن مان عورتون به ڪنيون ۽ ان جو الزام مزدڪ تي آيو پر تاريخ گواه آهي ته ان غلط استعمال ۾ مزدڪ ۽ ان جي ساٿين جو ڪو عمل دخل نه هيو، مزدڪ ته حيوانن جي قتل جو به مخالف هيو هن جي تعليم، تبليغ، تحريڪ هئي ته سڀ حيوان قابل احترام آهن، انهن جو گوشت کائڻ حرام آهي قتل ۽ خونريزي نه ڪئي وڃي، دشمن سان به نرمي ڪئي وڃي مهمان نوازي لاءِ جان جي قربانيءَ تائين ڏجي.

هن جو نظريو هيو ته جنگ ۽ فساد جي جڙ "عدم مساوات " آهي ان **عدم مساوات** ڪري ئي دشمني، حسد، ريس ۽ جنگ ٿئي ٿي انهن ڳالهن ئي انساني زندگي تباه ڪري ڇڏي آهي تنهنڪري انهن جي خاتمي سان ئي صلح، محبت انصاف ۽ ڀائيچارو جنم وٺي سگهن ٿا انڪري معاشري جي مڙني مسئلن جو حل ذاتي ملڪيت جي خاتمي ۽ "اشتراڪ زن و اموال" ۾ آهي.

مزدڪ جي فلسفي يا تعليم جو ڪو خاص مواد ته تاريخ کي هٿ اچي نه سگهيو آهي پر سندس هلچل ۽ ممڪنه مواد وغيره کي سهيڙي جي اصول يا سندس تحريڪ ۽ تعليم جا قانون گڏ ڪيا ويا آهن. اهي زندگي جي مڙني پهلوئن کي سموئن ٿا. انهن جي ترتيب هيئن ٿي بيهي، تعليم، خوراڪ ، عدالت، اقتصاديات ، روزگار، سماجيات هوشياري، محنت، دورانديشي ، نقل و حرڪت، تعذيرات، بقاءِ اصلح ۽ انفرادي عزت جا نظام وغيره. انهن نقطن يا قانونن کي جي غور سان ڏسبو ۽ ان دور ۾ مروج سماج کي جاچبو ته مزدڪ جا اهي نقطا اسانکي اڄ جي مڙني شعبن جي سڌريل ۽ باتربيت نظامن ۽ قانونن جي پيڙهه جا پٿر ۽ انقلابي بنياد نظر ايندا. اصل ۾ مزدڪ کي جيڪا ڳالهه ٻين ڏاهن ۽ سماج سڌارڪن کان مٿي ڪري ٿي اها آهي سندس **مارڪس** وانگي

دنيا کي بدلائڻ واري جدوجهد. هن نہ صرف نظريو ڏنو پر ان جي نفاذ لاءِ جان بہ ڏني.
پاڻ کي "عادل" جو لقب ڏياريندڙ ساساني بادشاهہ "**انوشيروان**" (نوشيروان) چيو وڃي ٿو تہ مزدکي تحريک کي ختم ڪرائڻ لاءِ لڳ ڀڳ اسي هزار مزدکي مارايا ان وقت ۽ ان کان پوءِ گهڻي عرصي تائين اهڙن ظلمن کان بچڻ لاءِ ايران جي ڳوٺاڻن شهرن ڏانهن رخ ڪيو ۽ پاڻ کي شهرن ۾ لڪائڻ لڳا. اڄ بہ ايران ۾ ڳوٺاڻي آبادي گهڻي ڪونہ ملندي. ايڏي قتل عام کانپوءِ بہ انوشيروان مزدکي تحريک کان ايڏو تہ ڊنل ۽ هيسيل هيو جو هن کي مجبورن مزدکي تعليم ۽ تحريک جي ڪن ڳالهين کي نافذ ڪرڻو پيو هن سڀ کان پهرين قديم جابرانہ طريقي سان وصول ڪئي ويندڙ ڍل جي طريقي کي بدلايو. جنهن ڪري بيگار سان گڏ مفتخورن جي مفتخوري ختم ٿي ان کان علاوہ قتل عام جي نتيجي ۾ لاوارث ٿيل ٻارن جي سرڪاري پرگهور جو هن بندوبست ڪيو ۽ عورتن جي باري ۾ بہ ممڪن اصلاحي قدم کنيا جنهنڪري پراڻن يارن جي بجاءِ ڪيس نون خاندانن کي اهميت ڏيڻي پئي جيڪي مزدکي خيالن جا يا تہ حمايتي هئا يا ڪنهن حد تائين سهمت هئا اهڙي طرح پراڻن مذهبي ۽ شاهي اميرن جي هڪ هٽي ۽ شان شوڪت ختم ٿيندو ويو ۽ ائين تاريخ نوشيروان جي فتح جو نہ پر مزدڪ، انصاف ۽ جمهور جي فتح جو فيصلو ڏنو.
ايران ۽ ان جي پرپاسي مزدکي تعليم ۽ تحريک ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ ظاهر ٿيندي رهي آهي 583ع ۾ ان ئي تحريک جي زير اثر خاقان ترڪستان جي سپاهين خاڪان جي پٽ حشام ابرذي جي هٿ هيٺ خاقان جي خلاف جدوجهد ڪئي ۽ بخارا تي قبضو ڪيو ۽ عوام کي پاڻ سان ملايو پر **پيرس ڪميون** وانگي تجربي ۽ نظام جي ڪوٽ ڪري ٽن سالن کان پوءِ خاقان کان شڪست کاڌائون جنهن نجي پٽ سميت سندس ڪيترن ئي ساٿين کي بي دردي سان مارائي ڇڏيو .
طبري لکي ٿو تہ مزدکي تحريک کان ئي متاثر ٿي خوارزم جي شهزادي

8ع ۾ يلغار ڪري وڏن ماڻهن جون ملڪيتون غريبن ۾ ورهائي ڇڏيون ۽ جنسي محروميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ حرم سرائن کي ختم ڪيو ۽ شاديءَ لاءَ قانون جوڙيا. ڇيو وڃي ٿو تہ عهد خلافت ۾ حضرت ابوذر غفاري رضہ جي قيادت ۾ ٿيل تحريڪ بہ مزدڪي عقيدن کان متاثر ٿيل هئي ان کان علاوه "سفيد جامگان" (ابو مسلم خراساني جا پوئلڳ) "ڪودڪيان" وغيره وغيره تحريڪون، علائقا ۽ فرقا جن جو هڪ ڏگهو تسلسل آهي ان تحريڪ ۽ تعليم جون ئي ڪڙيون آهن.

ايران ۾ گهمنهدي اتان جي ماڻهن جو، سياءَ. سندن مختلف ڪيفيتن، محسوس ٿيندڙ ڏبيل ڪن خواهشن، هڪ ٻئي سان گهٽ ميل جول ۽ غير تاثراتي روين ۽ ڪيترن ئي ٻين حوالن مان شدت سان مونکي اهو محسوس ٿيندو هيو تہ اڄ بہ هتي "خدا جون نعمتون ۽ ملڪي پيداوار سڀ لاءِ هجڻ" جي جدوجهد ۾ مزدڪ جو روح آواره نہ پر منظم طريقي سان مصروف آهي اهو ئي سبب آهي جو مان پنهنجي هن سفرنامي يا سفر جي ڊائريءَ جو نالو "مزدڪ جي ملڪ ۾ " رکڻ پسند ڪيو.

هي شايد پهريون سفرنامو آهي جيڪو سفر کان اڳ جي تاريخن کان شروع ٿئي ٿو پنهنجي حافظي جي ڪمزوري وغيره ڪري آءُ ڪوشش ڪندس تہ تاريخن، رستن جي فاصلن ۽ وقت جي نيڪ نيڪ ٻڌائڻ کان بچندي هن روئداد کي پورو ڪيان

هڪ ٻي ڳالهہ تہ هن روئداد کي پوري ايران جو عڪس تہ نہ ٿو چئي سگهجي پر اسان جيڪي شهر گهميا اهي اتان جا نہ صرف آبادي جي لحاظ کان مکيہ ۽ وڏا شهر آهن پر انهن مان قم ۽ مشهد مذهبي اهميت رکندڙ آهن تہ وري اصفهان ۽ تهران آزاد ۽ ترقي ورتل آهن ان کان علاوه انهن جو آسپاس بہ اسان ڏٺو ۽ آنءُ خاص طور زندگيءَ جي مختلف شعبن جي ماڻهن کان حال احوال بہ پئي ورتا تہ اتان جي اجتماعي ۽ انفرادي چرپر ۽ نفسيات وغيره کي بہ پئي جاچيو تہ اهڙي طرح هن روئداد کي مجموعي صورتحال جي قريب چئي سگهجي ٿو.

**آفتاب سومرو**

## 19 مئي 1996

دنيا ۾ شايد ايران (1948 کان پهريون فارس) ئي واحد ملڪ آهي جيڪو انقلاب جي سالگره ۽ پنهنجي رهبر امام خمينيءَ جي ورسي (3-6-1989 وفات) ايڏي وڏي اهتمام سان ملهائيندو آهي ۽ سڄي دنيا مان سندس سرڪاري ۽ غير سرڪاري دفترن ذريعي وفد ان اهتمام ۾ ايراني سرڪار جي خرچ تي شرڪت ڪندا آهن ان کان علاوه ڪوڙ سارا ماڻهو دوردراز علائقن، خاص طور پاڪستان مان پنهنجي پنهنجي خرچ تي به ان موقعي تي پهچندا آهن. ان ئي سلسلي يعني امام خمينيءَ جي 7 ورسيءَ تي مونکي به خانه فرهنگ ايران ڪوئيٽا خاص مهمان طور دعوت ڏني هئي. چيو ويو هيو ته وفد 29 مئي يا 30 مئي تي ڪوئيٽا مان نڪرندو، جڏهن ته مون وٽ نه پاسپورٽ هيو نه وري ايترو وقت هيو جو آءُ دفتري اجازت ۽ ملڪ کان ٻاهر جي موڪل وٺڻ جي ڪارروائي ڪريان بهرحال مون ان ئي ڏينهن پنهنجي دفتر وارن سان ٽيلي فون تي ڳالهائي کين آگاهه ڪيو ته ايران سرڪار پنهنجي خرچ تي مون کي ايران جي دعوت ڏني آهي. دفتر وارن خوشيءَ جو اظهار ڪيو خاص انڪري جو کين ڪنهن به قسم جو خرچ ڪرڻو ڪونه پيو پوي.

**20 مئي 96**

مان دعوت نامو پنهنجي دفتر کي(اسلام آباد ) فيڪس ڪيو ۽ جوابي انتظار ڪندو رهيس. (نيشنل بوڪ فائونڊيشن وفاقي وزارت تعليم )

**21/22 مئي 96.**

منهنجي دفتر کان ڪنهن به قسم جو جواب ڪونه آيو ٽيليفون تي معلوم ٿيو ته منهنجو ڪيس ٺاهي رکيو اٿن ۽ جيئن ئي مينيجنگ ڊائريڪٽر صاحب آفيس ۾ ويهندو ته هو ڪائنس اجازت وٺي مونکي فيڪس ڪندا آءُ ٻڌتر جو شڪار رهيس منهنجي قريبي دوست حبيب الله شاهه چشتي کي به پنهنجي واالد جي حوالي سان دعوت نامو مليو. ڪوئيٽا جي

## 23 مئي 96

مونکي دفتري اجازت ۽ موڪل فيڪس ذريعي ملي چڪي هئي سائنس عجيب شئي آهي ماڻهن جي قسمت بدلائڻ ۾ به چڻ سائنس جو وڏو هٿ هجي، ڪٿي ڪوئيٽه ڪٿي اسلام آباد ماڻهو 5 منٽن اندرخط و ڪتابت ڪري سگهي ٿو ٽيليفون پنهنجي جڳهه تي ... پر هڪ ته اها خرچائو ۽ ٻيو وري ان جو ثبوت ڪونه، جڏهن ته ڪوڙ سارن ڪمن ۾ قسم قرآن نه پر ثبوت گهرجي ثبوت. منهنجي لاءِ به اميدن جو اهو آخري ڏهاڙو هيو، ٻي ڏينهن جمعو هيو ٽين ڏينهن ڇنڇر پاسپورٽ آفيس بند، صرف ڏينهن بچيو 26 مئي 27 مئي ۽ 28 مئي ، 9 ۽ 10 محرم جي موڪل- هوڏانهن خانه فرهنگ وارن جو چوڻ ته 25 مئي تي پاسپورٽ ويزا لاءِ جمع ڪرايو.

بهرحال مان همت ڪري مبلغ به هزار رپيا جمع ڪري ڪاغذ پاسپورٽ آفيس جي اي ڊي صاحب کي ڏنا جنهن چيو ته 26 مئي تي ڪٽي وڃجو ڪيس عرض ڪيم ته ايران وارن گهرايو آهي 25 مئي تي انهن کي ويزا لاءِ ڏيڻو آهي ته هن مارڪ ڪري باقي ڪارروائي لاءِ ڏنو ۽ پاڪستان ۾ باقي ڪاروائي ڪان ته سڀ واقف آهيون .

بهرحال ڏکين سکين مرحلن مان گذري 23 مئي تي ئي پاسپورٽ ورتم، آءُ اجا سوچي رهيو هيس ته هيڏي وڏي ڪم تي وڃڻ ڪان پوءِ به ڇا آءُ ايران ويندس ڇوته مون مختلف دوستن سان ٻاهر وڃڻ جا جيڪي به مختلف پروگرام ترتيب ڏنا هيا انهن مان ڪوبه شرمنده تعبير نه ٿي سگهيو هيو ۽ هي پروگرام هڪ ته اچانڪ ۽ ٻيو وري جنهن تيزيءَ سان ٿي رهيو هو ته مان سوچي رهيو هيس ، اها **شايد** پڪ ٿيندي يا شايد، شايد ئي رهجي ويندي.

## 25 مئي 96

مان ۽ حبيب شاه خانه فرهنگ ۾ پاسپورٽ ۽ فوٽو ويزا جي لاءِ جمع ڪرايا ۽ اسان ڪنهن کي به اهو ڪونه پيا چئون ته اسان ايران وڃي

تقريبن 30-7 وڳي شام جو سڀ هڪ ئي ايئرڪنڊيشنڊ بس ۾ سوار ٿي ڪوئٽه کي ڇڏيو سي **برما هوٽل** (ڪوئٽه) کان ٿورو اڳتي نماز لاءِ بس روڪرائي وئي ۽ مون مسجد ۾ وڃي ڏٺو ته هڪ ٻن کان سواءِ باقي سڀ (بس مان لٿل نمازي) هٿ ٻڌي نماز پڙهي رهيا هئا (سنين واري طريقي سان) موٽي بس ۾ ويهڻ سان مون جائزو ورتو ته وڻ وڻ جي ڪانيءَ ۾ ڪجهه سڄاتل به هيا جن جي اڪثريت سني وهابين ۽ بريلوين جي هئي جيڪي مذهبي بنياد تي نه ته شيعن کي سنو سمجهندا آهن ۽ نه وري شيعه فرقي جي رسمن کي، انڪري ظاهر آهي ته ان فرقي جي ريتن ۽ رسمن ۾ شرڪت به نه ڪندا آهن ۽ ممڪن آهي ته انهن مان ڪيترا شيعا فرقي کي اسلام مان ئي خارج سمجهندا هجن خاص ڪري مذهبي جنونيت جي وڌڻ کان پوءِ، مان سوچڻ لڳس ته پوءِ اهڙن ماڻهن جو شدت ۽ ڪوشش سان هن سفر ۾ شامل ٿيڻ جو ڇا مطلب آهي ؟..... پرائي خرچ تي پرائو ملڪ گهمڻ (حالانڪه ايران سستو آهي) .. يا واقعي ئي پنهنجي مشاهدي ۾ اضافو ڪرڻ آهي. . يا اڃا ٻيو ڪجهه : منهنجو ذهن مختلف خيالن، سوالن ۽ مختلف جوابن ۾ ڪيتروئي وقت مصروف رهيو تان جو ساڳيو سوال منهنجي پنهنجي حوالي سان ذهن جي ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي اڳتي پنتي ٿيڻ لڳو ته مان ڪهڙي خيال سان وڃي رهيو آهيان جڏهن ته مونکي سنڌي ماءُ ۽ ٻيا مائٽ به جهلن پيا ته ابا نه وڃ ڇا وڃي ڪندين ؟ (ٽيليفون تي) مان جڏهن ايمانداريءَ سان ساڳي سوال جا جواب ڳولهڻ لڳس ته مونکي ٻه سبب نظر آيا هڪ ته واقعي گهٽ خرچ تي ٻي ملڪ کي ڏسڻ جيڪو ويجهو به هيو ته يارن دوستن کي وٽيو به هيو ۽ سستوبه لڳو هيو (اسان جڏهن ڪوئٽه مان ڪرنسي مٽائي سي ته هڪ رپئي پاڪستان بدران يارهين ڏهائي 20 تمن مليا)

ٻيو سبب ته آءَ واقعي ڏسڻ پيو چاهيان ته ايراني انقلاب، جي حوالي سان ڇا ٿا سوچين اتي انقلاب جا اثر ڪهڙا پيا آهن ۽ ايراني پنهنجي قائد سان پنهنجو ناتو ڪيئن ٿا ظاهر ڪن.

اسان جي بس ڪڏهن ايئرڪنڊيشن کوليندي ڪڏهن بند ڪندي منزل ڏانهن هلڻ لڳي ۽ منهنجو ذهن مختلف سوچن سان ڪيڏندو رهيو ايران آريا قوم جو ملڪ، جنهن دور جديد تاريخ ۾ **ويٽنام** ڪانپوءِ جديد هٿيارن سان ليس دنيا جي وڏي طاقت امريڪا کي لوه جا چڻا چٻايا ۽ مسلمان ملڪ هوندي اسلامي ملڪن جي وچ ۾ هوندي اڪيلو امريڪا سان مهاڏو اٽڪايو ۽ نتيجي ۾ ڪيس ڪن اسلامي ملڪن سان ٻه دشمني برداشت ڪرڻي پئي پر امريڪا اڳيان جهڪيو نه. منهنجو ذهن ايران جو ڪينواس ٻڌجي ويو ۽ مختلف خيال ۽ ڳالهيون ذهن جي گهٽين ۾ ڊوڙڻ لڳيون ..... پر ايراني انقلاب ڪيترن ئي ڏاهن سان **گڏ خانم گوگوش** جو سر ٻه ڪنيو، جنهن سان چڻ پوري ايران جي فنون لطيفه جو رباب پور پور ٽي پيو هجي جيڪو اجا تائين جڙي نه سگهيو آهي **گوگوش** جي ياد سان گڏ سندس مشهور گانو "**من آمده ام وهوه عشق فرياد کنم**،" مـــن ۾ **سعديءَ** جي شعرن وانگر تڙپڻ لڳو، **سعديءَ** جا شعر جيڪي ڏاڍو اسانکي پرلطف ۽ پرلذت طريقي سان پڙهائيندوهيو. مان گو گوش جي ان نغمي کي ڏاڍيان گونجاري نه سگهيس ۽ ان انقلاب جيڪو هزارن ميلن تائين ڪنهن رقاصه جي نغمي ۽ گهنگهرن جي پڙاڏي کان اينترو چرڪندو هجي کي وبچارڻ لڳس.... ايران گوگوش جو ٻه ته هيو اهڙي طرح جيئن گوگوش ايران جي هئي گوگوش جي حيثيت **وڪٽر هارا**، موزارٽ ۽ زرياب جهڙي نه هجي پر دنيا جي ڪوڙ حصن ۾ ايران کي گوگوش جي ڪري سڃاتو ويندو هجي ۽ پيار ڪيو ويندو هجي.... ذهن ڪٿان ڪان ڪٿي ٽپڪڻ لڳوءِ وري **علي اصغر بروجردي** ذهن ۾ ڦرڻ لڳو. علي اصغر بروجردي عراق ۾ پيدا ٿيو (ڪڙڪ چوڪري باز) پوءِ ايران ۾ آيو جنهن ڪيترن ئي معصوم چوڪرن کي استعمال ڪرڻ کان پوءِ بي دردي سان قتل ڪيو هيو هو انهن کي ذرو ذرو ڪري بوري ۾ بند ڪري ڪنهن ويران جڳهه تي اڇلي ايندو هيو بهرحال شهنشاه ايران جي دور ۾ پڪڙيو ويو ۽ ڦاهيءَ


۽ ائين اسان پاڪستان کي خداحافظ چوندي ايران جي آفيس ڏانهن وڌياسين حيرت جي ڳالهه هئي ته هو اسان سان تمام عزت ۽ اطمينان سان پيش آيا. هن طرف ٿڌي پاڻي ۽ ٻين حاجتن جو جوڳو انتظام ٿيل هيو هنن اسان جي سامان جي ڪا خاص تلاشي ڪونه ورتي انڪري جو اسان هنن جا گهرايل مهمان هيا سون پرپوءِ به ايران جي سياسي صورتحال اهڙي آهي جو هن کي وڏ ۾ وڏ احتياط ڪرڻ گهرجي، بارڊرن تي ٿيندڙ ويڏن جيڪا اسان ٻڌي هئي هتاڪ حاجي سڳورا به جيڪي لنگ ڪاندارينڊڙ احوال ٻڌائيندا آهن ان کان بچي ويا سين.
اڳتي وڃڻ لاءِ ايران طرفان لڳايل ڪئمپن ۾ ڪجهه عرصو انتظار ڪرڻو پيو اتي هڪ ٻن همراهن اسانجي ۽ خانه فرهنگ جي نمائندي (قزلباش) سان گستاخي ڪئي جنهن تي مان ٿورو حيران ۽ ٿورو پريشان ضرور ٿيس پر پوءِ خبر پئي ته اهو همراه ايراني نه پر اتي نوڪري ڪندڙ پنجابي هيو ۽ پوءِ سڄي سفر ۾ ڪيترائي پنجابي پائر مليا. جيڪي ايران ۾ مذهبي تعليم حاصل ڪري رهيا هئا ۽ سرڪار ڪين اسان لاءِ مترجم رکيو هيو. مونکان شاه صاحب پڇيو ته اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته عيسائي ملڪن ۾ مترجم ۽ انهن کي ويجها بي پنجابي احمديه پنجابي هت ايران ۾ به هي (حالانڪ پاڪستان ۾ سنڌي ۽ سرائيڪي وڏ ۾ وڏ مولائي هوندا آهن) آخر ڳالهه ڇا آهي مون هن کي چيو ته هي آخر اسانجي مرڪز جا نمائندا آهن ۽ مونکان وڌيڪ ته توکي خبر هجڻ گهرجي يا پنهنجي گهر واريءَ کان پڇ اها به پنجابي آهي ۽ توکي ته خوش ٿيڻ کپي جو هر جڳهه ۽ هر جماعت ۾ تنهنجا سهرا آهن.
تافتان ۾ اهو همراه (آڪرجندڙ) خصوصي مهمانن کي زاهدان وٺي ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ اسان به ٻي بس ۾ زاهدان لاءِ روانا ٿياسين ۽ مان انهن روڊن کي ڏسڻ لڳس، جن لاءِ مشهور هيو ته گاڏي هلندي مسافر ۽ ڊرائيور چانهه پيئندا آهن پر ڪين لوڏو به ڪونه ايندو آهي ائين برابر هيو پر اهو ڪمال رڳو، روڊن جو نه هيو پر اصل ۾ گاڏيون به بهترين هيون ۽ ڊرائيونگ به قانون مطابق هئي. روڊن ۾ برابر وڏا جهاڪا نه آهن پر اهي



امام خمينيءَ جي روضي ۾ (تهران)



امام خميني جي مزار جي جهنگلي جي آڏو آفتاب سومرو بيٺل



ڪيفي پل خواجو ۽ حبيب شاهه، آفتاب سومرو، عثمان ۽ سيال ڪاڪڙ





آفتاب سومرو ۽ حبيب شاهه واٽ تي آئيس ڪريم کائيندي



آفتاب سومرو آتشڪدي جي هڪ ونگ ۾ ويٺل



گورنر هائوس ڪرمان ۾ ڊنر تي آفتاب سومرو ۽ لطيف خان



پل خواجو جي هڪ دروازي هيٺان آفتاب سومرو، سيال ڪاڪڙ ۽ حبيب شاهه



شاهه زاهدان ۾ آفتاب سومرو ۽ حبيب شاهه جو گڏيل فوٽو

وڏو شهر هيو. پرافسوس جو اسان يا تہ انهن شهرن جي پاسي يا وچ مان گذري پيا وجون يا ڪن مخصوص هنڌن تي بيهون پيا جتي ماني وغيره جو بندوبست ٿيل هيو جنهنڪري انهن شهرن کي سنئي نموني نہ ڏسي سگهياسين ڪرمان ۾ گورنر اسان جي رات جي ماني ڪئي هئي جتي اسان رات جو 1 بجي پهتاسين بهرحال سلاد جي اضافي سان ماني اها ئي ساڳي هئي جيڪا گورنر صاحب پاڻ بہ پيش ڪري رهيو هو. تهران کان ٿورو پهريون اسانکي گهٽي حد ۾ آچاڻ ٿهليل نظر آئي جنهن لاءِ دوستن ٻڌايو تہ اها دنيا ۾ ٻيو نمبر لوڻ پيدا ڪندڙ کاڻ آهي.

2 جون تي شام 30-7 بجي اچي اسان تهران جي يڪ پاسي ڪرج علائقي ۾ زرعي يونيورسٽي ۾ پهتاسين جتي اسان جي رهڻ جو پروگرام رٿيل هيو. اسان کي مسجد ۾ ويهاريو ويو اسان سڀ ڪان پهريں آرام ڪرڻ لاءِ آتا هئاسين ۽ ٿڪ وغيره ڪري تازه ٿيڻ چاهيون پيا. بهرحال ٻن ڪلاڪن ۾ وڃي مسئلو حل ٿيو تہ انهن وٽ ٿي حال آهن ۽ هر حال ۾ 60 کان 70 ماڻهو رهندا جن مان هڪ ۾ عورتون ۽ ٻي ۾ اهي مرد ۽ عورتون جي پاڻ ۾ مائٽ آهن ۽ ٽين ۾ باقي ٻين کي رهايو ويندو آءُ ڏاڍو پريشان ٿي ويس تہ 60-70 ماڻهو هڪ حال ۾ اهو تہ وڏو مسئلو آهي منهنجي ذهن ۾ فوج ۽ پوليس وارن جا ڏگها ڏگها حال ڦرڻ لڳا جتي ماڻهن کي ڏورن وانگر ڏڪيو ويندو آهي خبر نہ آهي، هو ڪيئن گذر ڪندا آهن هڪ ئي حال ۾ هڪ ئي وقت ريڊئي جون مختلف اسٽيشنون مختلف ڪنسٽون ٻڌيون وينديون آهن ۽ مختلف شغل ڪيا ويندا آهن. منهنجي دل خراب ٿيڻ لڳي ۽ حبيب شاه کي چيم تہ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ پاڻ پنهنجي خرچ تي هلي هوٽل ۾ رهون اينتري ۾ اسانکي حال ۾ آندو ويو اتي معلوم ٿيو تہ هي حال بلاڪ کي چون ، اتي ڪمرا هئا ڪمري ۾ گهرياسين تہ دل خوش ٿي وئي تمام سنا ڪمرا صاف ۽ سٿرا بسترا لڳل هيا. ڪمري جي وچ ۾ هڪ ٽيبل ۽ چار ڪرسيون رکيل هيون. هڪ ننڍيو فرج رکيل هيو ۽ اي سي هئي پنج سنگل کٽ هيا جنهن مان معلوم ٿي پيو تہ 5 ڄڻن جو ڪمرو هيو پر

هبنئر انهن ۾ هن ست بستر لڳايا هئا، پر اتفاق سان اسان ٽي ڄڻا ان ڪمري (5 نمبر) ۾ رهيا سين، آءُ ، حبيب شاه ۽ پروفيسر حنيف خان. اسان جيئن تہ سيني جي آخر ۾ هياسين ۽ بي دليا پئي آياسين تہ سنبيت تہ پوڳٽي ئي آهي. 60-70ماڻهن سان گڏ رهڻو آهي. سو جلدي ڇاجي، انڪري آخراسين ٽي ڄڻا ئي بچياسين اسان ماني ڪائي سمهي پياسين ۽ شايد ننڊولايت ڪان بہ اڳتي نڪري وياسين.

**3 جون 96**

اسانکي اڳ ۾ ئي چيو ويو هو تہ صبح 5 بجي اٿاريو ويندو ۽ 6 وڳي تائين سيني کي تيار ٿيڻو آهي صبح سوير سيني کي اٿاريو ويو پر آءُ اٿي وري سمهي پيس ۽ تقريبن 8 بجي اٿيس ۽ ڏٺم تہ ڪجهہ مون جهڙن سڌورن ڪان علاوه باقي همراه هار سينگار ڪيو تيار ٿيا ويٺا آهن آءُ بہ تيارٿي ويس. اسان سيني کي بسن ۾ ويهاري (بسون هر گروپ لاءِ الڳ الڳ مقرر هيون جي آخر تائين رهيون) **امام خمينيءَ** جي روضي ڏانهن نيو ويو رستن تي تمام گهڻي رش هئي ڏاڍا بينر وغيره لڳا پيا هئا هڪ وڏي ميلي جو سمان هو اسانکي انٽري ڪارڊ ڏنا ويا هئا بس مان لهڻ ڪان اڳ اسانکي ٻڌايو ويو هو تہ 1 بجي تائين بس ۾ واپس اچڻو آهي امام خميني جو روضو تمام گهڻي زمين تي مشتمل آهي ۽ سندس عمارت جو ڪم اڃا هلي پيو سندس چئني طرف خوبصورت باغ آهن. اندر تمام وڏو حال آهي جنهن جي وچ ۾ امام خميني جي مزار آهي. اسانکي جنهن دروازي ڪان اندر ڇڏيو ويو اهو خاص طور ٻاهرين مهمانن لاءِ هيو ان جي يڪ وارو دروازو ٻاهرين سفيرن وغيره لاءِ هيو وچ تي اسٽيج هئي حال ٻن حصن ۾ ورهايل هيو اسٽيج جي قريب ٻاهران آيل مهمانن لاءِ جڳهہ هئي ۽ اڌ ڪان پوءِ جڳهہ باقي عوام لاءِ هئي تقريبا ڏيڍ لک ماڻهو حال ۾ هيا جنهن ڪري اندر گهٽ هئي وقفي وقفي سان بيهوش ٿيلن کي اسٽريچر تي ٻاهر ڪڍي وڃن پيا هر ماڻهو خمينيءَ جي مزار کي ويجهي ڏسڻ ۽ ڇهڻ جي ڪوشش ۾ هيو اسان مزار کي ويجهي ڪان نہ ڏسي سگهيا سين اسان جنهن وقت حال ۾ داخل ٿيا هئا سين تہ

خميني جي شان ۾ اسٽيج تي هڪ همراه قصيدو چئي رهيو هو جنهن کي مون هينئن سمجهيم "خميني رفتہ دل ما گرفتہ" ان ۾ ايڏو تہ مناج هيو جو اسان ايران ۾ ۽ اتان واپس اچي بہ ڪيترو ئي وقت ان کي جهونگاربندا رهياسين. ان کان پوءِ خامنہ اي آيو ۽ تقرير ڪرڻ لڳو، **آيته الله سيد علي خامنہ اي** (1939ع) ۾ مشهد ۾ پيدا ٿيو ڊاڪٽر بهنور جي قتل ڪانپوءِ اسلامڪ ريپبلڪ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو آيته الله خميني جو شاگرد بہ رهيو سندس تعليم جو خاص شعبو ٿيولاجي آهي شاه جي دور ۾ ڪيترائي دفعا جيل ويو ۽ جلاوطن بہ رهيو ايران جي ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهيو ڪماندر سان گڏ بچاءُ جو نائب وزير بہ رهيو . 1981 کان 1989 تائين ايران جو ٽيون صدر رهيو ۽ خميني جي حمايت ڪري صدارتي چونڊ وڏي اڪثريت سان کٽي هيائين. 1989 ۾ خميني جي وفات ڪانپوءِ سندس جانشين ٿيو ۽ اهڙي طرح ايران جو سڀ کان وڏو عهدو ماٿيائين 1987 ۾ گڏيل قومن جي اجلاس ۾ اسلامي نظام تي خطاب ڪندي **امريڪا** تي اهڙا تہ چوهہ چنديائين جو امريڪي وفد واڪ آئوٽ ڪري ويو - 1981 ۾ هڪ مسجد ۾ تقرير ڪري رهيو هو تہ ٽيپ رڪارڊر ۾ لڪايل بم جي ڦاٽڻ ڪري ڪيترائي ماڻهو شهيد ٿيا هئا ۽ هي پڻ سخت زخمي ٿيو هو ۽ سندس سڄي ٻانهن معذور ٿي پئي هئي جنهن کي اڄ بہ استعمال ڪري نہ سگهندو آهي آءُ ڪيس ٻڌڻ چاهيان پيو پر جيئن تہ مونکي فارسي سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آئي. مان انڪري حال کان ٻاهر نڪري آيس ۽ واءُ سواءَ ونڻ لڳس مان جڏهن ڊائريءَ ۾ ڪجهہ نوٽ ڪرڻ لڳس تہ هڪ همراه آيو ۽ چيائين تہ اوهان انگريزي سمجهو ٿا مون کيس چيو تہ ڪنهن حد تائين پوءِ هن مونکي ٻڌايو تہ منهنجو نالو **فريدون فاطمي** آهي ۽ واسطو IRNA اسلامڪ ريپبلڪ نيوز ايجنسي سان آهي ۽ هو مونکان انٽرويو ڪرڻ لڳو وچ ۾ مان هن کان جڏهن ڪجهہ سوال پڇيا تہ مونکي غور سان ڏسڻ لڳو ۽ پڇيائين تہ ڇا مان پهريون بہ ايران آيو آهيان تہ مون کيس ٻڌايو تہ نہ، هن وري پڇيو تہ پوءِ اوهان ايڏي معلومات

ڪٿان ۽ ڪيئن معلوم ڪئي آهي مون سندس وسواس دور ڪندي ٻڌايو ته هڪ ته ايران اسانجو ويجهو ملڪ آهي ٻيو ته آءُ به صحافي رهيو آهيان ۽ ٽيون ته مون هتي اچڻ کان پوءِ عام ماڻهن کان معلومات حاصل ڪئي آهي مون محسوس ڪيو ته هن ۽ مون وچ ۾ هڪ وقتي سٺي Under-standing پيدا ٿي پئي آهي مون هن کان پڇيو ته ايراني انقلاب صرف مولوين يا خمينيءَ نه پر عوام ۽ عوامي تنظيمن آندو جنهن ۾ توده پارٽي جو به هڪ اهم رول رهيو آهي پر توهان انقلاب کان پوءِ شاه ۽ شاه وارن سان ايتري جٺ نه ڪئي جيتري لبرل ۽ جمهوري ڌرين خاص طور نورالدين ڪيانوري ۽ ان جي توده پارٽي ۽ ڊاڪٽر مصدق جي پوئلڳن سان ... هو همراه رڳو کلي رهيو هو ... مون جڏهن هن کان پڇيو ته خانم گوگوش کي اڄ به ايران جا ماڻهو چاهڻ جي باوجود ٻڌي يا ڏسي نه ٿا سگهن... ته هن چيو ته هن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ سان شيطاني جذبا ايري معاشري ۾ بگاڙ پيدا ڪري سگهن ٿا مون کيس چيو ته Sex is a natural vital force (جنس فطرت جو طاقتور اظهار آهي) ۽ توهان ان کي جيترو دٻائيندئو اوترو اهو زور سان ايري ايندو ۽ ڪٿي صرف اهو مسئلو ئي نه اوهانجي اسلامي انقلاب کي لوڙهي وجي، ته هن کلندي ۽ هٻڪندي چيو ته ائين نه آهي اسان وٽ به گهٽي آزادي آهي پر چارديواريءَ جي اندر... اوهان جي پاڪستان ۾ اگهاڙا فوٽو ۽ فلمي پوسٽر کلي عام ملن ٿا پر اسان وٽ اهو ممڪن نه آهي. باقي چار ديواريءَ جي اندر. ڪير ٿو ڪنهن کي ڏسي. مون جڏهن کيس چيو ته اوهان وٽ تعليم ۽ صحت خاص طور تي طبقاتي آهي، سرڪاري تعليم ۽ علاج جو مزو نه آهي ۽ خانگي شعبو تمام مهنگو آهي ته پوءِ انقلاب جو ڇا فائدو. هن مونسان متفق ٿيندي چيو ته واقعي ائين ٿيڻ نه گهرجي.... بهرحال اسان ڪوشش ڪيون پيا. مون سندس ڌيان پوليس جي سختي ۽ سرڪاري پابندين خاص طور اخبار ريڊيو ۽ ٽي وي ڏانهن ڇڪايو ته چيائين اوهان وٽ به ته پابندي آهي. مون کيس چيو ته اسان وٽ ڪوبه ماڻهو پنهنجي نظرئي جي پرچار ڪري سگهي ٿو.

اسان هاسٽل واپس آياسين شام جو ڪجهہ دوستن سوچيو تہ باهر نڪرجي ۽ ٿورو چڪر چاري ڪجي جڏهن گيٽ وٽ آياسين تہ اتي وينل عملي اسانکي باهر ڇڏڻ کان معذوري ڏيکاري ان وقت آزادي جو احساس شدت سان ويڙهي ويو ۽ آزاد ۽ قيد جو فرق پنهنجي پوري معنيٰ سان اپري آيو ۽ مان اياز جو هي شعر سوچڻ لڳس

**اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها**
**آزاد هوا ڇا ٿيندي آ !......**
**اي ڪاش! اهو تون ڄاڻين ها**
**پرواهہ بنا پر ڪيئن هوندا**
**آزاد فضا ڇا ٿيندي آ....!**

مون ڏٺو تہ اسان مان هر جٿو گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ان رڪاوٽ جي هُن طرف وڃڻ چاهي پيو جنهن جي، هن پاسي اسانکي روڪيو ويو هو. اها رڪاوٽ دراصل هڪ ڦاٽڪ وانگر هئي جنهن کي بجليءَ ذريعي هيٺ مٿي ڪيو وڃي پيو اسان مان ڪيترائي بيٺي بيٺي ان جي ٻئي طرف ٿي بيٺا ۽ جڻ نفسياتي طور پاڻ کي ان وقتي قيد کان آزاد محسوس ڪرڻ لڳا ۽ مان نفسياتي پيچيدگين تي ويچارڻ لڳس ۽ مون محسوس ڪيو تہ تقريبن هر ذي روح سوچ ۽ وس آهر آزاد رهڻ گهري ٿو اسان واپس اچي لان ۾ هڪ ادبي، سياسي، مذهبي وغيره وغيره ڪچهري ڪئي جنهن کان پوءِ ڪيترائي دوست مونکي خاص اهميت ڏيڻ لڳا ۽ شاه صاحب کان پڇڻ لڳا تہ هي ڪهڙي نظريي جو همراه آهي. اها هاسٽل تمام وڏي هئي ۽ خوبصورت هئي پنهنجي پر ۾ هڪ اهڙو ننڍو شهر هيو جتي هر قسم جي سهوليت هئي ۽ اگر بہ اسان ان ۾ رهيا پيا هئاسين پر جيئن ئي اسانکي معلوم ٿيو تہ اسان گيٽ (هن خوبصورت پڃري ) کان باهر نہ ٿا وڃي سگهون، اسان پاڻ کي بي چين ۽ قيدي سمجهڻ شروع ڪيو ۽ وقتي سهي پر اذيت کان گذرڻ لڳا سين حالانڪہ ڏٺو وڃي تہ اسين هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ جا قيدي هوندا آهيون پر صرف ظاهر حُڪمي پابندي نہ هوندي آهي باقي اڻ ظاهر ٿيندڙ

هئا. هاسٽل تي اسانکي هڪڙو همراه جيڪو شايد (ايراني) عرب هيو ڏاڍو فري ٿيندي محسوس ٿيو، هو ڦريو گهريو اچي اسان سان حال احوال ڪري هو اچا ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهندو هيو پر والنٽيئر طور مهمانن جي خدمت لاءِ آيو هو. هو شاهه صاحب سان گهڻو ڳالهائي رهيو هيو ڇوته اُهُ نه فارسي ڳالهائيان ۽ نه ئي وري سمجهان شاهه صاحب ٻڌايو ته همراه خرچي پاڻيءَ جي چڪر ۾ آهي جنهن ڪي هو "يادگاري" چئي رهيو هو شاهه صاحب هن کي ڪجهه ڏنو پر ڇا اهو هينئر مونکي ياد نه آهي پر مان جڏهن هن کي ولائتي پوڊر جو ڊٻو ڏيڻ چاهيو ته هن سياٽپ سان انڪار ڪندي چيو ته نه اهو اوهان پاڻ استعمال ڪيو پيا منهنجي لاءِ بيشڪ بازار مان ئي ڪا شئي وٺي اچجو پر آخري ڏينهن جڏهن هن ڏنو ته مان سندس لاءِ ڪا شئي به نه آندي آهي حالانڪه نه آڻڻ جو سبب اهو هيو جو هو اسانکي اڪيلو ڇڏين به ڪونه پيا بهرحال همراهه **"ٻڌيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙيون به چڱيون"** سمجهي اهو پائوڊر جو ڊٻو ڪنيو مون ڪيس ڪيتري ئي ڪليل ريزگاري به ڏني. ۽ هو هر هر شڪريو ادا ڪري رهيو هو مونکي ياد ٿو اچي ته جڏهن "ڪاشان" يا "نئين" ۾ ناشتي لاءِ رڪيا هئا سين ته آءُ اسڪول جي ٽائلٽ ڏانهن ويو هيس ته اتي بيٺلن مان ڪجهه ڇوڪرن به اها ڳالهه ڪئي هئي (يادگاري) جا مون ان وقت نه سمجهي هئي. اهڙي طرح ڪيترن ئي هنڌن تي اسانکي ڪجهه ماڻهن پاڪسان کان آيل ڏسي ترياق (نشو) ۽ ڊالرن جي پڇا ڪئي پر اسان وٽ انهن جي خدمت لاءِ ڪجهه به ڪونه هيو ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه ماڻهو اهڙي خدمت ڪرڻ ويندا هجن.

ڏسڻ ۾ اهو پئي آيو ته ماڻهو ايران سرڪار کان ڊنل ڏاڍا هيا. قانون جي سختي وغيره ڪري پر پوءِ به وجهه ۾ هيا ته ڪٿان ڪنهن قسم جو نشو ملي وڃي يا ڊالرَ هٿ اچن يا گهٽ ۾ گهٽ ڪو اگهاڙو يا اڌ اگهاڙو فوٽو يا ڪارڊ ئي ملي وڃي، مان اهو فيصلو نه ڪري سگهيس ته اها سوچ پابندين جي ڪري آهي يا اڃا به ان جو ڪو ٻيو سبب آهي.

شام جو اسان کي وري تيار ٿيڻ لاءِ چيو ويو ۽ اسان ٿهي سنيري

پھربون دفعو پورو سامان کٽي اچي بسن ۾ ويٺا سين، هنن رستي ۾ اسانکي پاسپورٽ واپس ڪيا ۽ بسون "قم" شهر ڏانهن ڀڄڻ لڳيون. بس ۾ ڪجهہ ماڻهن چيو تہ هتي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن رڪندا. "قم" ايرانين لاءِ هڪ مقدس شهر آهي هتي امام رضاعہ جي ڀيڻ **"فاطمہ معصومہ "** جي مزار آهي. ان کان علاوه هي هنن جي مذهبي تعليم جو وڏي ۾ وڏو مرڪز آهي. رات جو اسان تقريبا 9 وڳي قم پهتاسين. پهچڻ ڪانپوءِ ڪلاڪ ٻن جي اسانکي مهلت ملي تہ اوهان گهمي ڦري هتي اچو تہ ان وچ ۾ هو اسان جي رهڻ جو بندوبست ڪن. اسان ويجهي ويجهي بازار گهمياسين ڪجهہ ڳاڌو پيتو سين هتي بين الاقوامي ٽيليفون جي سهوليت موجود آهي ماڻهو ڪنهن بہ دڪان وغيره تان ڪٽي بہ ڳالهائي سگهي ٿو اسان هڪ هوٽل مان پاڪستان ڳالهايو سين في منٽ ڏهہ يا ٻارهين پاڪستاني رپيا لڳا. اسان انٿين امام امام رضا جي ڀيڻ فاطمہ معصومہ جي روضي جي زيارت ڪئي سين (هتي غيرمسلم کي اچڻ جي اجازت نہ آهي) اسان جڏهن واپس بسن ڏي آياسين تہ عجيب صورتحال هئي. همراهن ٻڌايو تہ هت جنهن (موسول) سان رابطو ڪرڻو هيو اهو تهران ويل آهي ان سان رابطو نہ ٿو ٿئي. انڪري اوهان سڀ آزاد آهيو. جاڏي وڻيو وڃو سڀ ماڻهو حيران پريشان تہ رات جو 11 بجي ڪاڏي وڃون ٽن چئن بسن جا ماڻهو جن ۾ عورتون ۽ ٻار بہ شامل هيا افراتفريءَ جي عالم ۾ تبصرا ٿي رهيا هئا. اسان سان جاٽي واٽي ڪيو پيو وڃي" ... عجيب سرڪار آهي" ڪم نڪتو دڪڻ وسريو" سڄي دنيا کي ڏيکاريون تہ انهن جي ڪيتري طاقت آهي ۽ هاڻي اسان ۾ ڪا دلچسپي نہ رهي اٿن" هي ڪهڙي شرافت آهي" تهران مان نڪرندي ئي بندوبست ڇو ڪونہ ڪيو ويو هو. ڇا پوري قم ۾ اهو هڪڙو ئي ماڻهو سندن اٿارٽي آهي" .. ان ڪانسواءِ ڇا سندن ڪا انتظاميہ ئي نہ آهي جا اهڙي وڏي مسئلي کي خوش اصلوبي سان حل ڪري. . اچو تہ روڊ تي جلوس ڪڍئون . . ."

روڊ بلاڪ ڪريون..... اصل جڻ ۾ تہ هئا ترجمان، سيني انهن کي ٻي

ڳالهايو ۽ هوڏانهن ويچارن کي ايراني "الف ب" جي خبر بہ ڪونہ ڏيندا هئا تہ ڇا ڪرڻو آهي ڪاڏي هلڻو آهي.
اسانکي بہ اهو عمل برو لڳو تہ اسين ايران سرڪار جا مهمان ۽ هڪ لحاظ سان پاڪستان جا معزز شهري ۽ هيءَ جٺ، ڪا چڱي ڳالهہ تہ نہ آهي. اسان کي ان وقت هنن جون ساريون چڱايون وهہ لڳڻ لڳيون مون تہ ذاتي طور تي ان کي غنيمت سمجهيو ۽ شاه صاحب کي چيم تہ سنو موقعو آهي پاڻ هلي تا هوتل ۾ رهون. ۽ صبح "قم " گهمي اڳتي اصفهان (نصف جهان) هلنداسين بيا شهر بہ گهمنداسين پر شاه صاحب جو موڊ تمام خراب هيو ۽ هن الڳ هلڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ اسان مشرق جي روايتن کي برقرار رکندي بي دليا هڪ ٻي سان ڳنديارهيا سين حالانڪ اسان جي سنگت ۾ شاه صاحب کي سفر جو بهترين ساٿي ليکيو ويندو آهي.

**6 جون 97**

رات جو 12 بجي تائين اسان "قم" ۾ عجيب ڪشمڪش ۾ بينا رهياسين تہ ڇا ٿيندو جيترا وات اوترڀون ڳالهيون ۽ قم برڪتن وارو شهر اسان لاءِ سنو سنوڻ نہ ٿيو قم امام خمينيءَ (خمين) شهر ۾ 23 آڪٽوبر 1902 ۾ پيدا ٿيو ) جو بہ تعليم گاه ۽ تربيت گاهہ هيو ان کان علاوه ايراني انقلاب ۾ ٻين مذهبي شهرن وانگر قم جي بہ وڏي ۽ بنيادي اهميت آهي. بلڪ ايران جي چپي تي مذهبي ڊسيپلين جو وڏو اثر آهي چوتہ ڪنهن بہ شيعہ جي نماز يا ٻي عبادت ايستائين ڪارگر نہ آهي، جيستائين هو ڪنهن نہ ڪنهن (فقيهہ) جي تقليد نہ ٿو ڪري ۽ ڪوبہ شيعہ عالم سندن ۽ رٿيل ڪورس کان سواءِ نماز بہ نٿو پڙهائي سگهي منهنجي خيال ۾ پهرين درجي تي "**حجتہ الاسلام**" ٿئي ٿو جيڪو تقريبن 6 سالن جو ڪورس آهي. ان کان پوءِ هو جمعي نماز کانسواءِ ٻيون نمازون پڙهائي سگهي ٿو ان کان پوءِ "حجتہ السلام و المسلمين" پوءِ "آيتہ الله" اهڙي طرح پورو هڪ نظام آهي جنهن ۾ ڪنهن کي بہ رعايت نہ آهي. اهڙي طرح انهن جي پوري زندگي تي مذهب جي نہ تہ بہ مذهب

مان لاهي روڊ تي رکيو شاه صاحب شايد پَنڻي صاحب سان گڏ جي گاڏي ڪرائڻ ويو هو ايتري ۾ اسانجا (وچڙيل) وي آءِ پي (VIP) دوست ظاهر ٿيا. جن جي اڳواڻي **نورمحمد** صاحب ڪري رهيو هو هو هن وقت چيئرمين بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪوئيٽه آهي.
هي ايران ۾ ڪافي عرصو رهي ۽ پڙهي آيو آهي انڪري ڪيس اتي ڪافي اهميت آهي. جيئن ئي هي صاحب نظر آيو ته اسان جي بس وارا خاص طور محڪمه تعليم سان وابسته ڪيس وڪوڙي ويا ۽ پوءِ مون ڏٺو ته اهي مڙئي پنهنجو پنهنجو سامان ڪٺي آهستي آهستي رڙهڻ لڳا مون محسوس ڪيو ته ڪا ڳالهه ضرور آهي پر اسانجي ساٿي **حنيف خان** جنهن جو اسان گهٽي ڪان گهڻو خيال ڪنداهئاسين. اهو به اجنبي ٿي ويو ۽ لنوائڻ لڳو اڳ ۾ جڏهن اسان **خامنه اي** جي تقرير واري موقعي تي پنهنجي بس تائين نه پهچي سگهيا هئا سين ته اسان جو سامان، ڪيمرا وغيره جيڪو بس ۾ هيو اهو ڪجهه ماڻهن حنيف خان کي ڏيڻ پي چاهيو ڇوته اسين روم ميٽ ڪان علاوه گهڻو وقت گڏ هوندا هئاسين ته هن انڪار ڪيو هيو جڏهن ته مون سان هن جي سلام دعا، گذريل ڇئن سالن ڪان هئي. هو اسان جي دفتر اڪثر ايندو آهي ۽ ڪيئي دفعا سندس خاص مهمانن لاءِ مان پنهنجو ڪمرو ۽ ٽيليفون هن جي حوالي ڪري پاڻ ٻي هنڌ ويهندو آهيان هن لکيل پڙهيل پروفيسر جي ان منفي روبي ڪان پوءِ مون سوچيو پئي ته ڇا تعليم ماڻهو جي بنيادي خصلتن (بنيادي خصلتون (Charactersticks) تمام گهڻن حوالن سان ٿين ٿيون جن ۾ خاندان ۽ علائقو وغيره به اچي وڃن ٿا) کي تبديل ڪري سگهي ٿي شايد ها..... ! شايد نه ...... شايد ڪجهه ها ۽ ڪجهه نه .... ؟
پوءِ مان سندس اصلي علائقي (ڊيره) جي حوالي سان مشهور چوٽين تي ويچاريندو رهيس.
بهرحال نورمحمد صاحب پاڻ مون وٽ رڙهي آيو ۽ ٻڌائين ته اسان بس آندي آهي مشهد وڃون ٿا تون به اچ پر جيئن ٻين کي خبر نه پوي ڇوته بس ۾ گهٽي گنجائش نه آهي سفر تمام ڊگهو آهي مون ڪيس ٻڌايو ته

منهنجو ساٿي گاڏي ڪرائڻ ويو آهي ان جو بہ سامان آهي، اوهان ٿورو ترسو هو اچي تہ اسان اچون ٿا ٿوري دير کان پوءِ شاہ صاحب آيو هو مونکي اڪيلو ڏسي حيران ۽ پريشان ٿي ريو تہ باقي خلق ڪاڏي گم ٿي وئي مون ڪيس سچو قصو ٻڌايو ۽ سامان کڻي جڏهن بس ۾ رکيو سين تہ مونکي بس جي اڳين حصي مان **لطيف خان** آواز ڏنو تہ سومرا.. سامان لاهہ جلد ڪر، مان وائڙو ٿي ويس. تہ ڇو ؟ لطيف خان پشاور جو پٺاڻ آهي. ۽ **اڪادمي ادبيات ڪوئٽہ** جو انچارج آهي. سندس سان پهرين ملاقات ان وقت ٿي هئي جڏهن آءُ مارچ 90 ۾ 23 مارچ جي سلسلي ۾ ڪراچي کان ڪوئٽہ ۾ پنهنجي اداري، "نيشنل بوڪ ڪائونسل" طرفان ڪتابن جي وڏي نمائش لڳائي هئي جيڪا بهترين نموني ڪامياب ٿي هئي ۽ فلم ڪاتي طرفان ڪيترو وقت پاڪستاني سينيمائن ۾ ڏيکاري ويندي هئي. اتي هڪ همراہ مونکي ڳولي لڌو ۽ چيئين تہ لطيف خان اوهان جي چانهن پارٽي ڪئي آهي. اهڙي طرح ان سان واقفيت ٿي وري جڏهن آءُ ڪوئٽہ بدلي ٿي آيس (نومبر 90) تہ اسان جي آفيس پهريون اڪادمي جي دفتر ۾ ئي کولي وئي ۽ اهڙي طرح لطيف سان تعلقات مضبوط ٿيندا ويا . قصو ڪوتاہ آءُ بس جي اڳين حصي ڏانهن ويجي لطيف خان کان پڇيو تہ ڇا ڳالهہ آهي هو پنهنجو سامان بہ لاهي رهيو هو هن تڪڙ تڪڙ ۾ ٻڌايو تہ هو ٽي ڄڻا آهن ۽ اصفهان وغيرہ گهمڻ وڃن پيا مان ڏاڍو خوش ٿيس ۽ وچي شاہ صاحب جيڪو سيٽ تي اطمينان سان ويٺو هيو ڪي خدا حافظ چيم ۽ چيو مانس تہ ڪوئٽہ ملنداسين مونکي ڏک بہ ٿي پيو پر ڇا ڪجي بهرحال مون وري بہ سوچيو تہ سائين پوري قافلي سان آهي اڪيلو تہ نہ آهي پر هو يڪدم اٿيو ۽ پڇيائين تہ ڇا ڳالهہ آهي مون ڪيس سموري ڳالهہ ٻڌائي مانس، ۽ ڪيس چيو تہ مونکي بہ سنگت ملي آهي ۽ اوهان سان تہ پوري بس آهي شاہ بہ سامان کڻي لهي آيو ۽ چيئين تہ مان بہ اوهان سان ساڻ آهيان ... ڇا مان ڪيس چيو تہ **"چشم ماروشن دل ماشاد"** پر اوهان لاءِ مجبوري نہ آهي جنهن طرف اوهانجي دل چئي ان طرف هلو هو اسان

سان تيار ٿيو.

**7 جون 96**

اهڙي طرح هاڻ اسان 5 ڄڻا ٿيا سين هڪ مان، ٻيو شاه صاحب ٽيون لطيف خان چوٿون **سيال ڪاڪڙ** پنجون **عثمان** (جنهن جو عبدالستار روڊ (ڪوئٽه) تي جيولري جو دڪان آهي) مون کي ٻڌايو ويو ته سيال ڪاڪڙ، ايراني فارسي به ڄاڻندو آهي هونئن ته مونکان ۽ لطيف کان علاوه باقي هو ٽئي ڄڻا فارسي يا پارسي ڳالهائيندڙ هئا ايران ۾ هاڻي اها فارسي نه رهي آهي جيڪا اسان "ڪريما" "بوستان" ۽ "گلستان" وغيره ۾ پڙهندا هئاسين هينئر هنن نه صرف تلفظ کي تبديل ڪيو آهي پر نيث فارسيءَ جي چڪر ۾ ان جي ميناج ۽ ردهم کي ڪافي نقصان ڏنو آهي خاص طور عربيءَ جي ڪنهن به اثر کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

**سيال ڪاڪڙ** صاحب بلوچستان يونيورسٽي ۾ **پشتو** ڊپارٽمينٽ جو هيڊ آهي. انڪري به آءُ خوش ٿيس ته هاڻ سائنس سني ڪچهري ٿيندي ۽ ڪانئس ڪان پشتو ادب، ثقافت وغيره جي حوالي سان معلومات حاصل ڪبي اسان ٽيڪسي ڪري بس اڏي تي آياسين ايراني بس اڏن جي ڇا ڳالهه ڪجي تمام وڏا، صاف ۽ باترتيب بسن جا مختلف ٽرمينل ڄڻ ڪنهن غريب ملڪ جو هوائي اڏو، اڏي تي پهچي اسان **اصفهان** جي بس ورتي اصفهان لاءِ چڱي خاصي معلومات اسانکي ٽيڪسيءَ واري ڏني هئي يا ڪٿي ائين چئو ته ان کان ڪاڪڙ صاحب ورتي هئي بس جي آرام ده سيٽ ۾ ويهي اسان ايراني سرزمين جا نظارا ڪندا رهياسين وچ تي هڪ هوٽل وٽ بس ڪجهه وقت لاءِ بيٺي ۽ مسافرن کي کائڻ پيئڻ لاءِ چيو ويو. هيٺ لهڻ کانپوءِ اسان ڏٺو ته ڪاڪڙ صاحب صوف کائي رهيو هو ۽ هن ٻڌايو ته هو ماني گهٽ کائيندو آهي وڌيڪ هن چيو ته گهمڻ ۽ رهڻ ۾ گڏ هونداسين باقي کائي هر ڪو پنهنجي مرضيءَ سان اها ڳالهه سيني کي پسند آئي شاه صاحب ۽ مان برگر کاڌو بوتلون پيتيون ۽

سنيون لڳنديون آهن بهرحال هڪ وڏي ميلي جو سمان هيو هر ڪو مگن لڳو پيو هو ڪيترائي نر ۽ ناريون قرب وندي رهيا هئا ۽ مون محسوس ڪيو تہ هو آزاد ساه کڻي رهيا هئا پوري ايران ۾ مون هتي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا کليل فضا ۾ پاڪر يا ڪين هڪ ٻي جي سهاري تي هلندي ڏٺو ڪي جوڙا وري پرتي پرتي اڪيلاتپ جو لطف وٺي رهيا هئا بهرحال هڪ روح پرور منظر هيو اسان بہ هيڏي هوڏي گهمڻ لڳاسين اتي مون ڏٺو تہ ايراني پنهنجي ٻارن کان ايڏا مطمئن هئا جو انهن کي آزاد ڇڏي ڏنو هيو جيڪي درياه جي ڏاڪڻين تائين وڃي رهيا هئا جن کي درياه جو پاڻي ڇهي رهيو هو. اسان وٽ عمومن تفريح جي جڳهہ تي مائٽ رڳو ٻارن کي سنڀالڻ ۾ پورا هوندا آهن. اتي هڪ ڇنڪٽهن کان معذور ڏاڍو خوبصورت همراه درياه جي ڪناري هيٺ پاڻيءَ جي پڪ سان وينٺو فارسي ۾ ڪجهہ ڳائي رهيو هو ان همراه کي آءُ اڄ تائين وساري نہ سگهيو آهيان ايران جا مرد ۽ عورتون بہ هن کي خاص اهميت ڏئي رهيا هئا. هن سان ٻيهي حال احوال ڪن پيا هن جي لاءِ تحفا ۽ شيون وغيره آڻين پيا. اسان اتان تقريبن (هڪ) بجي رات جو واپس ٿيا سين هلڪو ڦلڪو حساب ڇڏائي سمهي پيا سين.

رات جو ئي طئہ ڪيو سين تہ لطيف خان سوير ئي سوير هوائي جهاز جون ٽڪيٽون ڪرائڻ ويندو ۽ اسان اڳتي سفر، اصفهان کان مشهد ۽ اتان زاهدان هوائي جهاز ۾ ڪندا سين تہ جيئن وقت بہ بچي ۽ تڪليف کان بہ بچجي ڇوتہ سفر آخر سفر آهي ماٺهو آخر ٿڪجيو پوي.

ڪاڪڙصاحب جو خيال هو تہ اصفهان کان مشهد تائين آباد ۽ سبز علائقو آهي بس ۾ هلجي مزو اچي ويندو پر بس ۾ 25-20 ڪلاڪن جو سفر ڪا سولي ڳالهہ نہ هئي

## 8 جون 96

لطيف خان جيئن تيئن ڪري ٽڪيٽون ڪرائي آيو، ڪاڪڙ صاحب بہ ساڻ هيس هڪ هڪ سفر جو ڪرايو 450 / 500 پاڪستاني رپيا هيو

اسان حيران ٿي وياسين تہ ايترو سستو لطيف جڏهن واپس آيو تہ هو ۽ مان صبح جو ناشتي آڻڻ لاءِ نڪري وياسين هوٽل تي لهڻ سان يڪ واري دڪان تي ڏٺو سين تہ همراه حليم جهڙي ڪنهن شئي کي وڏي ڪڙائيءَ ۾ گرم ڪري رهيو هو اسان ان کي ڪجهہ پئسا ڏنا ۽ چيو تہ اسان موٽ تي حليم وٺنداسين ۽ اسين لڳي ويا سين سٺي چانهہ هٿ ڪرڻ ۾ ، آخر ڪار هڪ دڪان تي Tea bags چانهہ پتيءَ جون ننڍيون ٿيلهيون ۽ ڪنڊ جون ٽڪيون ورتيون سين. ايران ۾ ڪنڊ ننڍين ننڍين ٽڪين ۾ ملي، جيڪي هو ڪائو، سبز چانهن يا ڪنهن ٻي شئي ۾ استعمال ڪن. باقي رهيو کير اهو بہ آخرڪار هڪ آئسڪريم جي دڪان تان هٿ ڪيو سين ۽ اهڙي نموني کيرپتي چانهہ جي ٻاڙ ماري. پوءِ تہ مزا ٿي ويا گهمي ڦري وري کير پتي پيئون.

ناشتي کان پوءِ گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. سيال صاحب هڪ ٽيڪسيءَ واري سان ڳالهايو ۽ غالبن 40 رپيا پاڪستاني في ڪلاڪ جي حساب سان طئہ ٿيو. مون نقشو (اصفهان جو جيڪو اتي ورتو هيو ) کوليو ۽ ڪوشش ڪئي تہ اهڙو روٽ ٺاهجي جو وقت بہ بچي ۽ گهمي بہ وٺجي اتي نقشا ماڊرن طريقي تي ٺهيل آهن جن جي رهنمائيءَ ۾ آسانيءَ سان ڪنهن بہ جڳهہ وغيره کي ڳولهي ۽ پهچي سگهجي پيو.

**مينار جنبان** :- سڀ کان پهريون اسان اهو مينار ڏٺو سين جيڪو هڪ عمارت جي مٿان ٺهيل آهي. ان مينار ۾ اندر مٿي چڙهي ان کي لوڏبو تہ اهو هلڪو لڏندو مون پهريدار کي چيو تہ اهو ڪري تہ ڪونہ پوندو هن جو جواب مون اهو محسوس ڪيو تہ عرصي کان ماڻهو ان کي لوڏيندا اچن پر اهو ائين جو ائين بيٺو آهي. پر پوءِ بہ نئين ماڻهو کي ڊپ ٿئي ٿو. ان مينار ۾ مٿي چڙهڻ جي جاءِ بہ تنگ هئي شايد انڪري يا ڪنهن ٻئي خيال ڪري شاه صاحب، عثمان ۽ ڪاڪڙ صاحب ڪونہ چڙهيا.

**آتشڪاهہ** - پوءِ اسان ايرانين جي پراڻي عبادتگاه ڏانهن وياسين جيڪو هڪ وڏي ايراضيءَ تي موجود هڪ ٽڪر تي مٿي ٺهيل هيو ۽ خبر ناهي

۾ شروع ٿي ويو لڳي پيو ته هو هن کان ساڳيون ڳالهيون ورائي ورائي پڇي رهيو هو يا وري اهڙيون شيون پڇي رهيو هو جن سان ٽيڪسيءَ واري جي ڪا دلچسپي نه هئي ۽ هن کي گاڏي هلائڻ ۾ دشواري ٿي رهي هئي هو انتهائي سخت ڪوفت محسوس ڪري رهيو هو مون محسوس ڪيو ته ڪا بدمزگي ضرور ٿيندي ۽ ٿيو به ائين... هن وچ روڊ تي گاڏيءَ کي زور سان بريڪ هڻي بيهاريو ۽ اسانکي غصي وارن لفظن ۾ هيٺ لهڻ لاءِ چيو اسان جي منٿن جي باوجود اسان سان هلڻ لاءِ تيار نه ٿيو ۽ حساب ڪتاب چڪائي پڇي ويو. شاه صاحب ۽ عثمان ٻڌايو ته هو اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو ۽ چئي رهيو هو ته مونکي ٽيڪسي هلائڻي آهي چريو ناهي ٿيڻو. پوءِ اسان هوٽل تي آياسين ساهي پٽي الڳ الڳ نڪتاسين آءُ ۽ شاه صاحب **ميدان امام رضا** جي طرف آياسين. جتي ڪتابن جو هڪ ننڍو ميلو لڳو پيو هو اهو ڏٺو سين ڪتاب گهڻي ڀاڱي فارسيءَ ۾ هيا انڪري ڏاڍو افسوس ٿيو اتان ڪجهه پينيون ۽ البم وغيره ورتاسين اڳتي اچي **عمارت علي قاپو** ڏٺيسين ان جي پوئين پاسي هڪ "ميوزيم" هيو اهو ڏٺو سين ان کان ٿورو اڳ **"چهل ستون"** ڏٺوسين اتي عمارتن جي بيهڪ هڪ جهڙي هئي ۽ اهي سڀ عمارتون تقريبن هڪ ئي دور جي عڪاسي ڪري رهيون هيون ۽ عباسي دور جي آرڪيٽيڪچر مطابق هيون جنهن جي خاص خوبين ۾ نقش نگاري (هوا) روشنيءَ جو گذر ۽ بلند ڇتيون اچي وڃن ٿيون "چهل ستون" جنهن جو مطلب آهي "چاليهه ٿنيا" پر ان عمارت ۾ (مهڙ ۾) ويهه 20 ٿنيا آهن ۽ باقي ويهه انهن جي ڇوڙ موجب اصل ويهن جو پاڇو آهن يا وري عمارت جي سامهون تلاءُ ۾ انهن جو عڪس آهي جن کي ڳڻي هو چاليهه ڪن ٿا بهرحال ايران جي هر شهر ۾ گهڻ ڦرڻ جون ايتريون جايون ۽ باغ وغيره آهن جو تفريح جو مسئلو نه ٿو رهي. ان کان پوءِ مسجد **"شيخ لطف الله"** ڏانهن وياسين جا ان وقت اندران بند ٿي چڪي هئي ان ڪري ان ڏينهن اها اندران ڏسي نه سگهياسين منهنجي خيال ۾ اصفهان جو اهو هند سڀ کان وڌيڪ مصروف پررونق ۽ بازارين سان

ڪٽي بہ نہ ملي ۽ ان جي نہ ملڻ جو سبب بہ سمجهہ ۾ نہ آيو ڇو تہ ايران جو چڱو خاصو حصو (Coaestal) سامونڊي آهي. اتي وري اسانکي قيوم بيدار وارا مليا جي ايران جي اترين پاسي وارن ٿڌن شهرن مان ٿي آيا هئا اتان جي هو ڏاڍي نيڪي پيا ڪن انهن چواٽي تہ اتي اجا بہ فـُتن جي حساب سان برف پئي هئي ۽ موسم بہ ٺيڪ ٺاڪ ٿڌي هئي ۽ سڄو علائقو سرسبز هيو منهنجو وري اشتياق وڌي ويو تہ اوڏانهن ضرور وڃجي پر ڪوبہ ساٿي تيار نہ ٿيو. ماني ڪائي وري اسين "پل خواجو" وياسين، اتي اهو ئي رنگ لڳو پيو هو شاه صاحب چيو تہ آءُ هڪ هنڌ ويهان ٿو تون پلي گهمي ڦري هت اچ. آءُ پري پري تائين گهمندو رهيس. ۽ ساڳي درياه تي ٻي پل " **سي وسہ پل**" 33 دروازن واري پل کي پار ڪري ٻي طرف ويس ۽ وري پل خواجو" تان اورين پاسي آيس.
ان سڄي پنڌ ۾ مون ڏٺو تہ ماڻهو دنيا جهان کان بي خبر پنهنجي پنهنجي دنيا آباد ڪيون ويٺا آهن. ڪي راند پيا ڪن، ڪي پاڻ جهڙا اتي بہ رات پهر ۾ ڪتابن ۾ محو هيا. منهنجي دل ست ڏني تہ پڙهڻ وارن يارن سان ڪجهہ ڪچهري ڪجي پر افسوس جو "**زبان يارمن ترڪي است، و ترڪي مي نمي دانم**" وارو معاملو هيو مون شدت سان محسوس ڪيو تہ صرف هڪ ٻي جي ٻولي نہ سمجهڻ ڪري اسان پاڻ کي ڪيترو بي وس محسوس ڪيون ٿا ۽ ڪيترا مڏا لڳون ٿا . اهڙي طرح انسان ڪنهن بہ هڪ حواس کان محروم هجڻ ڪري ڪيترو نہ اڌورو ٿي وڃي ٿو ۽ انڌو گونگو، ٻوڙو پنهنجي ماحول ۾ هوندي بہ ڪيترو ڪَرب محسوس ڪندو هوندو ۽ سوبہ هر موڙ تي، ان ڪرب جو اندازو منهنجي خيال ۾ صرف ان نعمت کان محروم ئي لڳائي سگهي ٿو.
مان گهمندو ڦرندو حسرتن جون ڳريون پريون ننڍڙي من ۾ کڻي اچي شاه صاحب سان مليس، اتي ئي لطيف، عثمان ۽ ڪاڪڙ صاحب مليا پوءِ اسان ان پل جي هڪ پاسي ڏانهن هڪ در جي اندر ٺاهيل قهوہ خاني ۾ وياسين اهو قهوه خانو، اصفهان جي تاريخ ۾ پيوست ٿيل ثقافت ۽ رومان جو آئينو هيو ان کي ان طرز تي ئي سجايو ويو هو وچ ۾ ڊگهي ٽڙ

فارسي بهشت آهي انڪري "وچواري" جو فرض توکي ئي ادا ڪرڻو پونلو.... تہ سائين چيو تہ ابا سڌو سنئون چئہ نہ تہ ....
اٿين ئي اسان ڳالهائيندا ڳالهائيندا انهن تائين پهچي وياسين هو پٽر جي بينچ تي ويٺا پڙهي بہ رهيا هئا تہ بسڪوٽ کائي ڪچهري بہ ڪري رهيا هئا. اسانکي ڏسي هو پاڻ ئي متوجہ تي ڳالهائڻ لڳا ۽ اهڙي طرح ساڳي بينچ تي اسان انهن سان سٺي ڪچهري ڪئي هو سٺي انگريزي ڳالهائي رهيا هئا هن ٻڌايو تہ هو امتحانن جي تياري ڪري رهيا هئا.
هن پاڪستان جي ٽي وي پروگرامن ۾ ڪافي دلچسپي ڏيکاري. واقعي بہ ايران ۾ ميڊيا جي حوالي سان ڪابہ تفريح نہ هئي . سينيما ، ريڊيو ۽ ٽي وي صرف ۽ صرف مذهبي ۽ محدود پروگرام ڏيندا هئا. اهو ئي سبب هيو جو اتي ڊش تي پابندي ۽ سزا جي باوجود ماڻهو چوريءَ ان جو استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڇوڪرن اسانکي ڏسيو تہ سامهون واري عمارت ئي بهشت آهي اها عمارت ڏٺي سين، جنهن جي اندر خوبصورت بناوت سان 8 هڪجهڙا ڪمرا ۽ دالان ٺهيل هئا جن جي باري ۾ معلوم ٿيو تہ بادشاه سڳورا راڻين سان گڏ اتي تفريح لاءِ ايندا هئا ۽ اهي مختلف حصا مختلف راڻين لاءِ وقف هوندا هئا ان گهمڻ کان پوءِ ٻاهر اچي انهن خوبصورت ڇوڪرن کي خدا حافظ چئي سندن ياد دل ۾ سانديي اسان اڳتي وڌي آياسين آخري وقت بہ هن چيو تہ موقعو مليو تہ هو پاڪستان ايندا ۽ خوب پاڪستاني پروگرام (TV) وغيره ٽي ڏسندا. ان مان بہ اتي ان لحاظ جي گهٽ ۽ ٻوسٽ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو اڄ بہ ايراني حڪمران اديبن ۽ مثبت سوچ رکندڙن کان اٿين ڊڄي ٿو جيئن پهلوي حڪمران، حالانڪہ ماڻهن انقلاب پنهنجي بنيادي حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آندو هيو پر سندن حق اڄ بہ غصب ٿيل آهن ڇوتہ آمريت آمريت هوندي آهي. ۽ منهن جو مطالعو ۽ مشاهدو اهو آهي تہ جتي بہ ڪابہ ڌر طاقت جي باوجود صرف پنهن ڌرين کي گڏڻ جي خاطر اقتدار يا تنظيمي سربراهي جي قرباني ڏني آهي اتي عوام جي ڪٽيل جنگ بہ هارائي اٿن. جيئن فلسطين ۽ ايران وغيره ۾ خود

پاڪستان ۾ بہ ڪيئي دفعا ائين ٿيو آهي جڏهن بہ ڪنهن طاقت جي موڙ وغيره تي پهتا آهن تہ واڳون ٻين جي حوالي ڪيون اٿئون ۽ نتيجي ۾ انهن جي طبقاتي مفادن هٿان ۽ طبقاتي ڪردار ڪري پهرين ڪان بہ وڌيڪ ڪمزور ٿيا آهن. ايران ۾ بہ سڀن کان وڌيڪ فعال ڪامريڊ هيا. تيل جي مزدور ٽريڊ يونين تي ڪامريڊ، قربانيون هٿن ڏنيون، ساواڪ جي عتاب ۾ هي ۽ ٻيا لبرل وغيره پر صرف جمهوريت جي شو آف ۾ تنظيمي ۽ اقتداري واڳون پاسدارن (مولوين) جي حوالي ڪري پاڻ بہ عذاب ۾ رهيا ۽ عوام کي بہ اها شئي حاصل نہ ٿي جنهن جدوجهد جو هي انقلاب، جوهر (Synthesis) ٿي سگهيو ٿي. نتيجي ۾ جتي ساواڪ اشرف دراني ۽ تي ننگو تشدد ڪيو هن جي عصمت لٽڻ ڪانپوءِ هن تي نانگ ڇڏيا يا ماڻهن جي مخصوص عضون کي گرم لوهن سان ڏنيبو ويو اتي دوران انقلاب ۽ انقلاب ڪانپوءِ مخالفت جي شڪ ۾ پاسدارن هزارين خون ڪيا جن ۾ خاص طور ڪردن جون مايون، مرد ۽ ننڍا ٻار بہ شامل آهن ايتري تائين جو جڏهن هڪ ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي تہ ٻي هٿيار ڳوٺاڻا انهن جي استقبال لاءِ هڪ هٿ ۾ قرآن ۽ ٻي هٿ ۾ ٻارڙا وٺي وڏڻ لڳا تہ انقلابي جوانن قتل عام ڪيو ۽ اڄ بہ اهي قرآن غريبن جي رت پاڻ سان لڳائي ياد انقلاب بڻيل آهن اڄ بہ ايران جا ماڻهو ننڍڙن پوليس آفيسرن اڳيان حراسيل آهن ۽ پنهنجي ڪنهن بہ بنيادي حقن جي گهر تہ ڇا پر ڳالهہ بہ نہ ٿا ڪن. شايد انڪري انهن ماڻهن جو پاڻ ۾ ميل جول (Interacstion) بنهہ نہ هجڻ جهڙو آهي.

ايران ۾ بہ تفريح جو مرڪز سينيما رهيو هيو ۽ آهي اسان وٽ هاڻ سينيما پنهنجي اهميت وڃائي ويٺي آهي ان جو مکيہ سبب تہ پرنٽ ميڊيا جي وسيع هجڻ آهي اسان وٽ وي سي آر ڊش وغيره تي سڀ ڪجهہ ڏسي سگهجي ٿو پر ان کان علاوه فرصت جو گهٽ هجڻ ۽ سينيمائن‌جي خراب حالت بہ سينيما جي اهميت کي گهٽ ڪيو آهي پر ايران ۾ جيئن تہ ميڊيا جا ٻيا وسيلا گهڻا نہ آهن ۽ عام نہ آهن انڪري اتي اڄ بہ سينيما جي اهميت آهي. شهنشاه جي دور ۾ فلمن عالمي

ايوارڊ بہ کنيا پر اتي فلمن ۾ عقل، ڏاهپ ۽ جدوجهد جي ڳالهہ ڪرڻ تي پابندي هئي ايستائين جو علامتي اشارن تي بہ بندش هئي فلم، ڊرامي، معوري شاعري تہ ڇا پر عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ ماڻهو احتياط ڪندا هئا. تہ ڪانئن بي اختياري ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ نڪري جنهن مان تنظيم، آزادي، ظلم، گهٽ، ٻوسٽ جو ڪو مفهوم نڪري. ان دور ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جون جانيون غلط فهمين ۽ غلط رپورٽن جي ڪري ضايع ٿيون ۽ ڪيترائي ماڻهو غلط اندازن ڪري **ساواڪ** هٿان معذور ٿيا. تہ وري ايراني انقلاب 1979 کان پوءِ ميڊيا ۾ مرد عورت جو پيار، عورت جي جواني ۽ ناز وغيره کي ممنوع قرار ڏنو ويو. عملي زندگي ۾ بہ ساڳي صورتحال ضرور هئي پر اتي مسئلو هيو تہ ان انقلاب ۽ عراق سان جنگ جي نتيجي ۾ اتي عورتن جو تعداد مردن کان تمام وڌيڪ آهي. تقريبن اهي تعليم يافتہ بہ آهن تہ اتي اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ انهن تي اهي پابنديون*هنيون وڃن جيڪي هو چاهن. انڪري ئي حڪمرانن جي اندر رجعت پسندن جي حڪمت عملي سندن عوام جي ذهني ترقي ۽ ازاديءَ کي مڏي ڪرڻ وارن فعلن مان بکي بيهي ٿي. ايران جتي سينيمائن تي مسلسل رش هوندي هئي ڇوتہ عام ماڻهو شاه کان نفرت ڪندي انهن ڳالهين سان واسطو گهٽ رکندو هيو تہ فلمن ۾ بغاوت ۽ آزادي جا موضوع آهن يا نہ پر هو انساني جذبن، پيار محبت، سونهن وغيره جي موضوعن کي پنهنجو وقت ضرور ڏيندو هيو. پر هينئر رڳو جهاد ئي جهاد ۽ قرباني وارا فلم هئن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري نہ سگهيا آهن. ايران ۾ اڄ بہ ڪيتريون ئي سينمائون آهن جن مان گهڻيون آرام ده ۽ عاليشان آهن هڪ اندازي موجب صرف تهران ۾ 100 کان وڌيڪ سينمائون آهن جيڪي هينئر جلسن ۽ پين پروگرامن لاءِ بہ استعمال ٿي رهيون آهن.

1991ع ۾ حالانڪ ايران ۾ "فجر فلم فيسٽيول" بہ ٿيو هيو جتي 24/ 25 ملڪن شرڪت ڪئي هئي اهو فيسٽول ۽ ايران سرڪار جو فلمن لاءِ مخصوص ڪيل وڏو فنڊ بهرحال اڄ تائين ايراني فلم انڊسٽري ۾ ڪا خاص جان وجهي نہ سگهيو آهي اتي ڪجهہ فلمون واقعي اهڙيون بہ

ٿهيون آهن جيڪي يونيورسل فڪر تي آهن ۽ آدرشي چئي سگهجن ٿيون. اهي به هڪ ته بنهه ٿوريون آهن ۽ ٻيو ته ڪائنات جي وڏي حستي ۽ حسن جي محور نسوانيت کان وانجهيل هجڻ ڪري ڦڪاڻ محسوس ڪرائن ٿيون ان صورتحال جو حل ايران سرڪار اهو ڪڍيو آهي جو 7/6 عورتن کي وزارتن ۾ رکيو آهي ته جيئن اهي فلم ڊاڪيومينٽري وغيره کي هدايتون ڏين ان هوندي به مونکي ياد آهي ته ٻه ٽي سال اڳ اسان ڪوئيٽه ۾ هڪڙي ايراني فلم ڏٺي هئي جيڪا نيم سياسي ۽ نيم معاشرتي هئي ان لاءِ دوست ٻڌايو ته هن جو لکندڙ سندس دوست آهي ۽ ان کان هي فلم 20/15 دفعا ٻيهر لکرائي وئي هئي بلوچستان جي ماڻهن لاءِ ايران افغانستان سندن پنهنجي گهر وانگر آهي هو جڏهن چاهن اچن جڏهن چاهن وڃن ۽ ويجهن سرحدن کان هو افغانستان ته بنا پاسپورٽ ويزا وغيره جي ويندا آهن ۽ ايران به يا ته ضلعي انتظاميا کان راهداري وٺي نوشڪي وغيره کان ويندا آهن يا ائين ئي سنگت ۾ ويندا آهن ۽ تربت گوادر وارا وري دبئي ۽ ٻين عرب رياستن ڏانهن روز ايندا ويندا آهن انهن مان گهڻن ماڻهن جي ٻٽي شهريت آهي. بهرحال ڳالهه پئي ڪئي سين ايران جي فلمن ۽ سينيمائن جي منهنجي هڪ ذري گهٽ پوڙهي ٽيڪسي ڊرائيور سان ٽٽل انگريزيءَ ۾ فلمن جي ڳالهه ٻولهه ٿي هو شاه جو چاهيندڙ هيو ۽ ٻڌائي رهيو هو ته شاه جي دور ۾ هو يعني ٽيڪسي وارا ڏاڍي عياشي ڪندا هيا امريڪي ڊالر سندن ڪيسن کان ٻاهر واجهائيندا هئا اهو ٻڌائي رهيو هيو ته ان دور ۾ هو جيڪو ڪجهه ڪندا هئا اهو اڄ ڪين ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ به نه ٿو اچي سندن چواڻي شاه جي وڏن پروگرامن وقت جنهن ۾ هو ٻاهرين ملڪ جا مهمان گهرائيندو هيو (شايد تاجپوشي ۽ اهڙن ٻين پروگرامن مهل) انهن چند ڏينهن ۾ ايترو ته ڪمائيندا هئا جو سال سال به ڪين کوڙ هئو پر سندس چواڻي اهڙي پيسي جو قدر ڪٿي..... هن چواڻي ته همراهه پريل ۽ اڌ اڌ پوتلون شراب جون گاڏي ۾ جاني واٽي ڇڏي ويندا هئا ۽ هن کلندي ۽ هٻڪندي ٻڌايو ته ڪيترا دفعا هن استنجو به شراب سان ڪيو هو. هن ڪجهه

فلمن، ستارن ۽ فلم دنيا سان وابستہ ماڻهن جي باري ۾ مونکي ٻڌايو پر اهي شيون ڪٿي ٿيون ياد بيهن هن هڪ اڌ تازي فلم جي باري ۾ بہ ٻڌايو جيڪي ايران ۾ سنو ڪامياب ويون هيون ان جي ڳالهہ بہ هن ٻڌائي جنهن مان مونکي اندازو ٿيو تہ ان جو پلاٽ وجودي فلسفي يا فاني هجڻ جي حوالي سان هيو هن ٻڌايو تہ سندس لاءِ هڪ دوست پاڪستان مان پاڪستاني ۽ انديا جا ٿي فلم ڪٽي آيو هيو جيڪي هو اڄ تائين ڏسندا آهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ 20 دفعا ان کي ڏسي چڪا آهن ۽ چڱا ڀلا ڪين انهن فلمن لاءِ ايلازي آهن هن اهو بہ چيو تہ انقلاب جي پهرين ڏينهن کان هاٽي ڪجهہ فلم سنا اچي رهيا آهن پر تمام گهٽ هن اسان کان بہ فلمن جو پڇيو خاص ڪري انگريزي فلم جو ۽ ٻڌايائين تہ هو انگريزي، فلمن مان بہ سکيو آهي ۽ ڪيس انگريزي فلمن جو ڏاڍو شوق بہ آهي. شدت سان انهن لاءِ سڪي رهيو آهي.

اتي پرنٽ ميڊيا ۽ موسيقي وغيره جو بہ ساڳيو حال هيو اسان اتي جيڪي بہ اخبارون ورتيون سين "انگريزيءَ" ۾ انهن ۾ ڪابہ خاص ڳالهہ يا مواد نہ هيو سواءِ ان جي تہ انهن ۾ ڪنهن بہ عورت جي تصوير نہ هئي. ساڳي صورتحال رسالن جي هئي گهٽو ڪري اهي ايران سرڪار ۽ مذهب جي پروپيگندا لاءِ هيا.

اخبارن ۽ رسالن کي جاچيندي اتي جنم وٺندڙ مصوريءَ جوبہ اندازو اُسان اهو ئي لڳايو تہ ٻين فنن وانگر مصوريءَ جي بہ صحيح جنم وٺجي سُگهندڙ تخليقن جو ابيارشن ڪيو ويندو هوندو يا جي لڪ ڇپ ۾ انهن جنم ورتو هوندو تہ اهي تخليقڪارن جي ذاتي گود ۾ ئي هونديون، اهڙيءَ طرح اتي اظهار جي آزادي مڏي ڪيل ۽ ڪوششون اهي ئي هيون تہ ماڻهن کي ٻاهرين هوا نہ لڳي حالانڪ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي جي ترقي طاقت جا وڏا وڏا قلعا ۽ حصار ٽوڙي اڄ ماڻهن کي دنيا کان واقفيت کان علاوه اظهار جي آزادي جو حق ڏي ٿي.

اسان ايران جي تانسين **محمد رضا** ۽ پياني جي عظيم ڇيڙيندڙ مراد وغيره جون ڪيسٽون (آڊيو ) ڳولهيندا رهياسين پر اسان کي هٿ نہ

چڙهيون ممڪن آهي اهي ڪٿي نہ ڪٿي وڪامبيون هجن اتي بہ مونکي ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪيسٽن جي ڪاغذن تي بہ ڪنهن عورت يا ڪو رومانس وغيره ظاهر ڪندڙ، فوٽو يا اسڪيچ ڪونہ هيو.

اسان هڪ بہ ميوزم وغيره ڏسي جڏهن هوٽل تي واپس آياسين تہ سنگت جي ڪيل خريداري ڏسي حيران ٿي وياسين يارن الائي ڇا ڇا خريد ڪيو هو وڏيون وڏيون ڪاربون پيٽيون پريون هيئون. يار بہ توري دير ۾ آيا ۽ لڳي ويا پيڪنگ ڪي، ان ڪان پوءِ هوٽل واري جو حساب چڪائي بہ ٽيڪسيون ڪيون سين هڪ ۾ ڪاڪڙ صاحب پنهنجي سامان سميت (بمشڪل) هيو ۽ ٻيءَ ۾ اسان باقي هياسين. ايئرپورٽ تي لٿاسين، اصفهان جو ايئرپورٽ سٺو خوبصورت هيو اسان سيٽ نمبر وٺي جهاز ۾ چڙهياسين (جهاز شايد روسي هو) ڪلاڪ سوا جو سفر هيو اتي اسانکي جڏهن ڪاڌو ڏنو ويو تہ سنگت مان ڪنهن چيو تہ اهي خالي برتن صاف ڪري مونکي ڏيو چوتہ اڳتي ڪم ايندا مون ڪيس چيو تہ ڪٿو بہ توهان ٿا تہ صاف بہ توهان پاڻ ڪيو. پوءِ اڳتي هلي خبر پئي تہ يار جڏهن تهران ۾ (V.I.P مهمان ڪري) هوٽل تي رهايا ويا هئا تہ اتان بہ جيڪو ڪٿي سگهيا اهو سندن پيٽين ۾ آهي. ۽ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ منرل پاڻيءَ جون نہ صرف پريل بوتلون پر خالي بوتلون بہ يارن شايد يادگار طور ڪنيون هيون. اسان تقريبن 9 بجي رات "مشهد" پهتاسين. ٽيڪسي ڪري امام رضا جي روضي جي پڪ سان لٿاسين مونکان علاوه سڀ ٿي ويا هوٽل ڏسڻ ، ايتري ۾ لطيف خان خوشيءَ مان ڊڪندو آيو ۽ چيائين تہ ڏاڍي سٺي جاءِ ملي وئي آهي ۽ سستي بہ ويهہ رپيا في ماڻهو پوندا جڳهہ ۾ اٽيچ باٿ روم بہ آهي دير نہ ڪر، وارو ڪر اسان جڏهن ٽيڪسيءَ مان سامان لاهي رهيا هئاسين تہ ٽيڪسيءَ واري جو ٿرماس جيڪو پويان ڊگيءَ ۾ هيو ڪو پڇي پيوءِ ڊرائيور لڳو بڪ بڪ ڪرڻ ۽ مختلف لفظ ڳالهائڻ جيترو همراه ڪيس سمجهائنس وجي مٿي چڙهندو بس ايتري ۾ مون ڏٺو تہ شاه صاحب ڦري آيو ( مون ڪيس پهريون دفعو ايترو ڪاوڙ ۾ ڏٺو) ۽ ڪيس اهڙي تہ چند ڪديائين جو

همراه اهڙو ڪچي جهڙي پت، مون پروڙيو تہ واقعي جذبن جي ٻولي بہ بين الاقوامي آهي اسان جڏهن سامان ڪٺي ڪمرن ۾ آياسين تہ ڏٺو سين تہ ڪمرا واقعي خوبصورت آهن ڪمري جي وچ ۾ هڪڙو ڊبل بيڊ پيو هيو ۽ پاسي کان هيٺ هڪ گدي تي بسترو سجايل هيو پڪ سان اٽيچ باٿ روم هئي پر هر شئي جي خبر استعمال کان پوءِ پوندي آهي. مان ڪيترين ئي ڪرائي جي جاين ۾ رهيو آهيان مونکي خبر آهي تہ استعمال کان پهرين ڪيترو بہ جائزو ورتو وڃي پر مڙئي خوبيون ۽ خاميون ڪڏهن بہ سامهون اچي نہ ٿيون سگهن اهڙي طرح هوٽل ۾ رهڻ کانپوءِ خبر پئي تہ ڪمري جون چلڪندڙ پتيون ڪاون جي ڪتر سان سينگاريل هيون جيڪي اٿندي ويهندي جتي لڳن زخمي ڪريو وجهن. شاه صاحب ۽ آءٌ هڪ ڪمري ۾ لطيف ۽ عثمان ٻي ڪمري ۾ ۽ ڪاڪڙ صاحب ٽين ڪمري ۾، اها جڳهہ اصل ۾ هڪ "Paying Guest" هئي اسان هٿ منهن ڌوئي ٻاهر نڪتاسين ۽ امام رضا جي روضي جي زيارت ڪئي سين.

امام رضا جو روضو ايران ۾ سڀ کان وڏي زيارت ۽ وڏيڪ مقدس ۽ معتبر جڳهہ آهي. ان جي عمارت تي سالن کان وٺي ڪم هلي پيو ان تي سون ۽ چانديءَ جو بہ جهجهو ڪم ٿيل آهي تمام وڏي ايراضي روضي جي حوالي ڪيل آهي اڏاوت بہ اهڙي نموني ڪيل آهي جو ماڻهو حيران ٿيو وڃي روضي جي چئني پاسن کان وڏيون هڪجهڙيون اڏاوتون آهن. جن مان وري هر هڪ سان چار چار هڪ جهڙيون عمارتون آهن ۽ اتي خاص طور نئين آيل لاءِ ڪنهن خاص جڳهہ کي ڳولهڻ وڏو مسئلو ٿيو پوي. پر اتي مختلف پاسن ۽ اڏاوتن کي مختلف نالا ڏنل آهن. جوتن رکڻ وارين جاين جا جدا جدا نمبر آهن. جتي هو مفت ۾ کليءَ دل سان جوتا وٺي رکندا آهن ۽ ٽوڪن ڏيندا آهن. جيڪو انهن کي واپس ڏئي جوتا وغيره واپس وٺبا آهن. اسان زيارت ڪرڻ کانپوءِ، ماني کائي اچي جڳهہ تي سمهي پيا سين.

رهڻ لڳو جتي ئي 193 هجريءَ ۾ وفات ڪري ويو ۽ ڪيس اتي محل ۾ دفن ڪري هڪ مقبرو پڻ ٺاهيو ويو 203 هجريءَ ۾ **امام رضا مامون** جي هٿان شهيد ٿيو ۽ ڪيس هارون جي پڪ سان ئي دفن ڪيو ويو (هي اهو زمانو هيو جڏهن ساداتن جي خلاف گهريون سازشون سٽيون وينديون هيون ۽ سيدن جي سسين جي سرڪاري قيمت مقرر ڪئي ويندي هئي) اهڙي طرح تاريخ جي ان واقعي اهڙي اهميت حاصل ڪئي جو دنيا جا ماڻهو اتي اچڻ لڳا ۽ شهر وڏڻ لڳو ۽ "مشهد الرضا" سڏجڻ لڳو جيڪو هاڻي صرف "مشهد" سڏيو وڃي ٿو.
امام سڳوري جي روضي کي **سبڪتگين** تمام گهڻو نقصان پهچايو پر عجيب قدرت آهي ته سندس پٽ سلطان محمود 428 هجريءَ ۾ ان جي مرمت به ڪرائي ۽ ان کي وڌايو به وري 617 هجري ۾ روضي کي چنگيز خان ۽ سندس پٽ جي هٿان ڪافي نقصان پهتو ۽ وري مغل سلطان **محمد خدابنده** 710 هجريءَ ۾ ان کي ٻيهر ٺهرايو. بهرحال قدرت ۽ تاريخ جي عجيب حالتن ۽ دورن مان گذرندو اچا تائين اهو وڌندو ۽ وڌيڪ جڙندو رهي ٿو. اڄڪلهه ته اتي وڏا رنگ لڳا پيا آهن. ان سان وابسته اندر ۽ ٻاهر ڪيترين ئي شيون آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي الڳ حيثيت رکن ٿيون سندس سونو گنبذ ، سونا مينار **مسجد گوهر شاد ، صحن انقلاب** جنهن جي اندر چار مختلف نالن سان 300 سال پراڻيون بالڪونيون آهن. نقارخانو، پاڻي پيئڻ جي جاءِ پيئڻ جي پاڻي جو تلاءُ جنهن ڪلي نادري تلاءُ چيو وڃي ٿو. ان ۾ سون جون سرون لڳل آهن گهڙيال، 10000 اسڪائر ميٽر صحن جمهوريه اسلامي، صحن قدس 25005 ، صحن امام خميني 8300 اسڪائر ميٽر، صحن آزادي. مسجد گوهر شاد لاءِ چيو وڃي ٿو ته 821 هجريءَ ۾ **مرزا شاه رخ** جي گهر واريءَ مائي گوهرشاد ٺهرائي هئي. روضي جو گنبذ عجيب و غريب نظارو آهي ان جي چورس تمام قيمتي ٽائيلن تي حديثون وغيره اڪريل آهن ۽ اهو مٿان جيڪو 31 ميٽر آهي ان جي چوگرد به لکيل آهن. ۽ مقبرو چورس 135 ميٽر جي ايراضي رکي ٿو ان جي مختلف

حصن کي مختلف نالا ڏنل آهن. پٿيون 20 سينٽيميٽرن ٿائين ماربل جي عمدين سرن سان پر آهن پٿن جي چوطرف 80 سينٽيميٽرر ويڪريون لڪايون آهن جيڪي صفوي دور جي مشهور نصتعليق جي ماهر علي رضا عباسيءَ جون آهن (گهٽو ڪري سورته جمع آهي.) ان ڪان علاوه دارالحفاظ، دارالسياد، مسجد بالا سر (ننڍي مسجد) دارالولايعہ، دواق دارالرحم، مهمانہ خانو، وضو خانو، مدا جي ڳالهہ تہ هڪ وڏو جهان آباد آهي. اتي عجائب گهر پڻ آهن. هڪ عجائب گهر صرف قرآن شريفن جو آهي جيڪي قرآن شريف امام صاحب جن کي مليا هئا انهن مان هڪ هرڻ جي کل تي لکيل آهي. ٻيو عجائب گهر ٽڪلين جو آهي. هُت 12000 چورس ميٽرن جي ايراضي ۾ ٽن منزلن تي هڪ لئبرري آهي. امام رضا ڪلنڪ ڪان علاوه هُت هڪ دفتر آهي، جتي اوهان قيمتي ڪان قيمتي شئي امانت طور رکي سگهو ٿا ۽ اوهان کي فڪر ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي اوهان کي پنهنجي شئي اهڙي جو اهڙي ملندي ان ڪان علاوه نذراني جمع ڪرائڻ لاءِ ڪيتريون ئي آفيسون آهن.

اتي هڪ آفيس آهي جتي ٻاهران آيل مهمان پاسپورٽ ڏيکاري هڪ وقت جو کاڌو حاصل ڪري سگهندا آهن. ۽ ان کي چيو ويندو آهي **اما رضا جي مهماني**، ۽ تبرڪ لاءِ اتان جا ماڻهو بہ سگهندا آهن. پاسپورٽ ڏيڻ ڪان پوءِ هڪ پرچي ملندي آهي جنهن تي درج هوندو تہ ٻي ڏينهن رات يا منجهند جي ماني اوهان روضي جي لنگر مان کائي سگهو ٿا ڪجهہ ماڻهوکائيندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو تبرڪ طور ڪٽي ويندا آهن اسان بہ ان ڏينهن پرچي ورتي جنهن تي ٻي ڏينهن منجهند جي ماني کاڌي سين ڏاڍي مزيدار هئي شاه صاحب اتان ڪجهہ ماني ڪنئين. ۽ ڪوئٹہ ۾ ڪيترن کي ئي تبرڪ نصيب ٿيو.

9 لئبررين 40 حسينيہ عمارتن ۽ 500 جي لڳ ڀڳ مسجدن وارو شهر "مشهد" اسانکي الائي چو پاڪستاني شهرن جهڙو لڳو. اسان ميدان آزادي آيا سين، "ميدان آزادي" هڪ علائقو هيو هي سڄو حصو سٺو تفريحي مقام هيو **پارڪ ملت** بہ وياسين هي اٽڪل 720000 چورس

ميٽرن تي وڪريل آهي تمام خوبصورت آهي هتي ايران جي شاعرن جا مجسما ايران جي "اسلامي انقلاب" ۾ الاٽي ڪيئن بچي ويا آهن ۽ اڄ بہ انقلاب ڪان اوچا ڳاٽ ڪيو نظر پيا اچن شايد شهنشاه مخالف جوڏن کي اها خبر نہ آهي تہ شاه جي خلاف جدوجهد جا اهي محرڪ سندن ڪان وڌيڪ همت، عزت ۽ تاريخ رکن ٿا ۽ سندن نادرشاهي افعالن جي خلاف ايندڙ انقلاب جا بہ محرڪ ٿي سگهن ٿا.

هونئن بہ اتي مونکي معلوم ٿيو تہ خود سرڪاري ڊر ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي گروهہ آهن جن مان هڪڙو خامنہ اي وارن جو آهي جيڪو هاشمي رفسنجانيءَ کي ٽيڪ ڏئي ٿو ٻيو اتان جي اسپيڪر ناطق نوريءَ جو آهي جيڪو هونئن تہ چڱو خاصو آهي پر ٻيا ڏڙا ان جي خلاف چونڊن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ڪيس سرڪار جي زور تي هارائن ٿا ۽ ٽيون وري خود رفسنجاني جو آهي ان ڪان علاوه بہ ڪيترائي سرڪار اندر ۽ ٻاهر گروهہ آهن. جيڪي ڪنهن يقيني تبديلي جي ڳولها ۾ آهن. جيستائين مون معلوم ڪيو يا محسوس ڪيو تہ اصل ۾ اتي بہ سوچون يا ڌارائون آهن جنجي ويڙهہ آهي جن ۾ مقابلو آهي هڪ آهي سخت قدامت پسند ۽ ٻيو آهي لبرل ۽ آزاد پسند پوءِ اتي مختلف ڌڙا جنهن جنهن ڌارا سان ويجهو آهن ان ڏانهن ڪشش رکن ٿا پر اتان جي صورتحال جي ڪري عجيب ماحول ٿي پيو آهي چوتہ ظاهر آهي في الحال ڪنهن انقلاب جي سوچ تہ ٿي سگهي ٿي پر عمل نہ ٿو ٿي سگهي، جيستائين چونڊن ذريعي آزادي ۽ ڪليل ماحول جي حمايت جو سوال آهي تہ اهو بہ اتي ممڪن نہ آهي چوتہ صدارتي چونڊ اتي اهو ماڻهو وڙهي سگهي ٿو جنهن کي سپريم ڪائونسل اجازت ڏي ۽ ان جي معيار ۾ پهرين ڳالهہ اسلامي اصولن جي پابندي ۽ مذهبي تعليم ۽ خدمتون آهن انڪري ڏئي وٺي آزاد خيال يا جمهوريت يا روشن خيال ماڻهن کي بہ انهن ماڻهن منجهان ئي ڪنهن طرف رخ ڪرڻو پوي ٿو ٻي ڳالهہ تہ سيا ي ٽرمنالوجي اهڙي نموني لاڳو نہ ٿي ڪري سگهجي جهڙي ان جي وصف ٻيهي ٿي ۽ ڪنهن بہ ڊر جا

اسان مان هر ڪو خريداريءَ لاءِ نڪتو- مان ۽ شاه صاحب دوستن جون ڪيل فرمائشون پوريون ڪرڻ لاءِ بازارين جا چڪر هڻندا رهياسين ڪجهه شيون مليون ڪجهه نه - رات جو جڏهن جڳهه تي ڪنا ٿياسين ته ڏٺوسين ته ٿنهي دوستن چڱي خاصي خريداري ڪئي آهي. خبر ناهي ته الائي ڇا ڇا خريد ڪيو اٿئون. پر وڏيڪ حيرت ان ڳالهه جي ٿي ته دوست نه ته شيون ڏيڪارڻ پسند ڪن پيا ۽ نه وري ڪنهن شئي جي اصل قيمت ٻڌائڻ پيا. اسان اهو پي ڏسڻ چاهيو ته ڪا جي ڪم جي شئي آءَ ته اسان ۾ خريد ڪيون پر بارن جو روبو ڏسي اسان پنهنجو تجسس ختم ڪيو.

10 جون 96

صبح اسان اٽي هلڪو ڦلڪو ناشتو ڪري وري گهمڻ ڦرڻ نڪري وياسين ۽ اهو طئه ڪيوسين ته هڪ بجي امام رضا جي روضي تي فلاڻي جڳهه ملنداسين ڇوته اتي اسانکي منجهند جي لنگر ۾ ماني ملڻي هئي اتي اسين ملياسين ڏاڍي رش هئي، بهرحال قطار ۾ بيهي واري جو انتظار ڪيو سين اتي ٽوڪن (پرچي) ڦاڙي پوءِ اندر ڇڏين پيا ته متان ڪو ٽوڪن هڪ دفعي کان وڌيڪ استعمال نه ڪري گهمي ڦري جڳهه تي آياسين 7 بجي ٽيڪسيون ڪري ايئرپورٽ تي پهتاسين "مشهد" جو ايئرپورٽ به خوبصورت هيو اتي هڪڙيون مايون ٻين ڪي ڇڏڻ آيون هيون شايد انهن مان ڪنهن هڪ جي شادي ٿي هئي ڪي مايون روئي رهيون هيون ته ڪي وري روئڻ جهڙي شڪل ڪيون بيٺيون هيون، هڪ مائي ويندڙ مائيءَ کي به يا ٽي آلوچا وغيره ڏئي رهي هئي مون سوچيو ته ماڻهوءَ جا بنيادي جذبا، حساس، احساس هڪ انسان جا ئي آهن، اهڙي طرح جيئڻ هن جا جائز حق ۽ گهرجون: چاهي اهو ڪهڙي ئي معاشري جو فرد هجي صحرا جو هجي، برفاني علائقي جو هجي، ترقي يافته جو هجي يا انتهائي پسمانده جو هجي ڪنهن به مذهبجو هجي ا لامذهب جو ، باقي ٻيون ڳالهيون يا سندس لقب يا وابستگيون هر لحاظ کان ثانوي آهن پر هو بنياديءَ کي ثانوي حيثيت ڏيڻ ۾ مصروف رهي ٿو مون اهو به

ڪوشش ڪري پيو ڇڻ شيش محل هجي باقي ٻين جو خير آهي، عجيب عجيب تجربا ٿيا. آءُ زاهدان کي ڏسڻ چاهيان پيو هونئن ٻه اهو واحد سني اڪثريت جو علائقو آهي ان حوالي سان ٻه پرکڻ چاهيان پيو پر ڪوبه ساٿي ان لاءِ تيار نه ٿيو. اسان جڏهن صبح جو باردر تي پهتاسين ته نه ڪو پيو مسافر هيو ۽ نه وري عملي مان ڪوئي آيل هيو. ايران وارن اسان جي سامان جي بلڪل چڪاس نه ڪئي. اهڙي طرح اتان جان ڇڏائي پاڪستاني پاڻرن حوالي ٿياسين اتي وري عثمان صاحب جي واقفيت ڪري اسان کي ڪا رڪاوٽ پيش نه آئي. اهڙي طرح اتان ڪوئٽه لاءِ ڊاٽسن ڪئي سين. شام جو 7 وڳي ڪوئٽه پهتاسين شاه صاحب ۽ آءُ شاه صاحب جي گهر پهتاسين ۽ اهو سفر خير و خوبيءَ سان پورو ٿيو پوءِ باقي ڪيترا ڏينهن اسان سفر جا حوال ڏيندي گذاريا.

## ٻاهرين سفر لاءِ ڪي خاص ڳالهيون

01- ڪنهن به صورتحال جي پيش اچڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي .

02- ان ملڪ جي قانون ۽ اخلاقيات کي اهميت ڏجي ۽ هرويرو قانوني پيچڪڙين جو شڪار ٿي وقت ۽ پيسو برباد نه ڪجي.

03- سفر ۾ هڪ کان وڌيڪ هجڻ بهتر آهي پر اهڙي سنگت هجي جنهن ۾ قربانيءَ جو مادو هجي. جيڪو هر ڳالهه کي رڳو پنهنجي مفاد يا نقطئه نظر سان نه ڏسي- ٿوري گهڻي گهٽ وڌائي کي محسوس نه ڪري، ٻي صورت ۾ ڪيڏو به سٺو سفر ۽ سٺو ملڪ هجي زهر لڳندو.

04-سفر ۾ هميشه جيترو گهٽ ۽ هلڪو سامان هوندو اوترو بهتر.

05- پنهنجي مزاج تي پوندڙ دوائون ساڻ رکي ته سٺو.

06- ڪنهن به قسم جي ڪڏهن به لاپرواهي نه ڪجي.

07- خريداريءَ وقت اهو ذهن ۾ رکجي، ته اها شئي هن کي سڄي سفر ۾ کڻڻي پوندي، ڇا اهو ان شئي کي ڇڪاسي سگهي ٿو ائين نه ته گهر وڃي استعمال ڪرڻ کان پوءِ ڪيس معلوم ٿئي ته شئي نيڪ نه آهي ۽ تڪليف کان علاوه پيسا به پاڻيءَ ۾.

08- ممڪن هجي ته اهڙي دوست کي ساڻ رکجي جو اتان جي ٻولي يا ٻولين سان واقفيت رکندو هجي.

09- ان شهر علائقي جي باري ۾ مددي مواد جيترو ٿي سگهي ساڻ رکجي.

10- کاڌو هميشه هلڪو ۽ گهٽ کائجي.

ڪرڻ گهرجي.

**ايراني:** تہ ڇا رياست ختم ٿي ويندي... اها تہ سوشلسٽ پروپيگنڊا آهي جيڪا ٻہ هائي وائڪي تي پئي آ..

**مان:** اها سوشلسٽ پروپيگنڊا ناهي، اهو اهو خواب آهي جيڪو عظيم انسان صدين کان ڏسندا رهيا آهن ۽ ان لاءِ ڪوششون ونندا رهيا آهن اوهين ان کي فلاحي رياست چئو، مساوات چئو. باقي اها ڪيئن ايندي، ڪيئن قائم رهندي اها ڳالهہ سائنسي سوشلزم ئي ٻڌائي ٿو ۽ ان جي ٿيوري ختم ناهي ٿي.

**ايراني:** ايران جي ادب جي باري ۾ اوهان ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟

**مان:** مانکي خبر ناهي تہ هينئر ايران ۾ ڪهڙو ادب سر جي ٿو باقي اسان وٽ اوهان جا ڪلاسڪ، خاص طور تي شاعر، فردوسي، خيام، سعدي، رومي وغيره ڏاڍا مشهور آهن، ممڪن آ تہ اهو ان ڪري هجي جو اڳاتو اسان وٽ سرڪار جي زبان پارسي هئي، جڏهن ايران جا حڪمران پرپاسي تي حملا ڪري ونندا هئا. (هن جا رنگ ڪجهہ گهرا ٿيڻ لڳا پر مون هن کي ڪلي اهو چيو تہ اها پراڻي تاريخ جي ڳالهہ آهي ۽ دوستانہ ماحول برقرار رکندي ڳالهہ کي وڌايو) اوهان جي انهن ڪلاسيڪي شاعرن کي ٿورو ٿڪو جيڪو اسان پڙهيو آهي يا جن انهن کي پڙهيو آهي انهن جي راين مطابق اهي فنا جي فلسفي جا وڏا فنڪار ليکيا وڃن. ٿا ۽ سندن شاعريءَ ۾ فن کان علاوه، گهرو فڪر پڻ ملي ٿو. باقي ان کان علاوه مونکي ڄاڻ نہ آهي، ٿي سگهي، تہ اوهان مونکي پراڻي ۽ نئين ادب خاص ڪري نثر، جي باري ۾ ٻڌايو.

(پر الائي ڇو هن ان باري ۾ وڌيڪ ڪونہ ڳالهايو)

**ايراني:** هتان جي ثقافت اوهان کي ڪيئن لڳي؟

**مان:** (مان ڪجهہ منجهي پيس پر ذهن ۾ آيل ڳالهين کي ترتيب ڏيندي چيو) ٻن ڇئن ڏينهن ۾ ڪنهن ملڪ، نسل جي ثقافت جي مڪمل ڄاڻ تہ ممڪن ناهي، باقي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ايران جيئن تہ اسلام کان اڳ ٻہ

شهنشاهيت رهيو آهي انڪري ان وٽ مضبوط ثقافتي قدر رهيا آهن ۽ انهن لاءِ هن قوم قربانيون بہ ڏنيون آهن، خود اسلام سان مزاحمت جو پڻ هڪ سبب اهو رهيو آهي ۽ ممڪن آ تہ ان ۾ عرب ۽ عجم واري سوچ جو بہ گهرو عمل دخل هجي، بهرحال فيشن جي حوالي سان اوهان وٽ يورپ جو گهٽو اثر قبول ڪيو ٿو ڏسجي ۽ شهنشاهہ ايران جي دور ۾ ٻاهرين ثقافت جي يلغار ۽ ان جو اثر تڙجي ناهي سگهيو شايد ماڻهو ان کي قبول ڪن ٿا.

**ايراني**: ايئن ناهي، ايئن ناهي ماڻهن مٿل شهنشاهہ کي ايران ۾ قبول نہ ڪيو تہ ان جي پروگرام کي ڪيئن قبول ڪندا ؟

**مان:** مان پروگرام ۽ پاليسين جي ڳالهہ نہ ٿو ڪيان، ڳالهہ ثقافت جي ٿي رهي آهي آءٌ ان حوالي سان پنهنجو خيال پيش ڪري رهيو آهيان، باقي اجتماعي طور ماڻهن جا رويا سٺا آهن هرويرو ديگهہ نہ ٿا ڪن ڏيتي ليتيءَ ۾ بارگيننگ کي پسند نہ ٿا ڪن، پرسڪون لڳي رهيا آهن، پيسي جا پوڄاري بہ نٿا لڳن، تہ اهي هڪ سٺي ثقافت جون ڳالهيون چئي سگهجن ٿيون.

**ايراني:** اسان جون حڪومتون ڪوششون وٺي رهيون آهن تہ اسان مڪمل اسلامي روايتن کي قائم ڪيون اسان وٽ وياج بہ بلڪل نہ آهي، سفارش نہ آهي. غريب عوام لاءِ ترڪن سسٽم آهي جنهن تحت حيرت انگيز حد تائين هن کي ضروريات زندگي سستي اگهہ تي مهيا ٿين ٿيون. . .

**مان:** اها سٺي ڳالهہ آهي پر ثقافت جي بنياد تي مرنکي اها خبر آهي تہ اوهان اسلام/ عربي کان وڌيڪ ان جي مد مقابل يا پنهنجي اڳاتي ثقافت کي اهميت ڏيو ٿا.

**ايراني:** اصل ۾ صرف عربن جو ڪلچر ئي اسلام نہ آهي اسلام تہ ان مان ڪوڙ شين کي رد ڪيو پر جي اها صورتحال آهي تہ پوءِ آهستي آهستي وري پراڻي صورتحال ٿي ويندي، اسانکي اسلام جي مفادن کي اهميت ... گهرجي نہ ڪي عربن جي مفاد کي.

**مان:** چوندو هر ڪو ايئن آهي پر اهميت وري بہ پنهنجي ڳالهين کي ڏيندو

آهي. بهرحال سڄي دنيا کي هڪ سني ثقافت جي ضرورت آهي.
ٿوري مات ڇائنجي وڃي ٿي/ ذهن ۾ ڪوڙ سوال (مذهبي، سياسي، تاريخي) ايري اڄڻ ٿا پر مان هنن کان نہ ٿو پڇان... شايد انهن جي جوابن کي سرڪاري پائيندي... شايد .... اڃا ئي پتاڻ سمجهندي شايد ٻوليءَ جي رواني نہ هجڻ ڪري.... شايد اجنبيت جي ڪري.... شايد انهن سڀني سببن ڪري شايد اڃان بہ ڪنهن ٻي سبب ڪري...
**مان:** ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ هن حڪومت "ساواڪ" کان بہ وڌيڪ سخت ۽ ظالم نيٽ ورڪ قائم ڪيو آهي.
**ايراني:** اها اسانجي خلاف پروپيگنڊا آهي.. اها اسلام جي خلاف پروپيگنڊا آهي (مان هلڪو ڪلي ويهان ٿو شايد هو محسوس ڪري ونن ٿا) ڇو تہ اسان واحد اسلامي انقلاب آندو آهي ۽ اهو مادل ٿي سگهي ٿو ڪري مڙئي اسلام دشمن، انقلاب دشمن اسان جي خلاف پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن، ساواڪ جي دور ۾ روز هزارين ماڻهو ماريا ويندا هئا.
**مان:** پر ظاهر هڪ بہ نہ ٿيندو هو...
(هو سڀ ڪلن ٿا. هڪڙو هنن کي پارسيءَ ۾ سمجهائي ٿو تہ مان ڇاٿو چوڻ چاهيان)
**ايراني:** اڄ ميڊيا تيز آهي ڪا بہ ڳالهہ لڪي نہ ٿي سگهي.
**مان:** پر اوهان تہ ميڊيا جو فيوز ئي ڪڍي ڇڏيو آهي، اوهان جي ريڊيو تي سڄو ڏينهن هلي تلاوت يا مذهبي تقريرون، ٽي وي تي بہ مذهبي پروگرام ۽ پردي دار خواتين جي نمائش، اخبارون سرڪاري پريس رليز ۽ وڌ ۾ وڌ ايران جي خارجہ معاملن تي سرڪاري موقف سان پربل، ٿاٿا ڊشن سان پربل....(اتي ڊش اينٽينا ۽ غير ملڪي فلمن تي سخت پابندي آهي ان ڪري چوري لڳايل ڊش لاهي ٿاڻن تي جمع ڪندا آهن) باقي ميڊيا...
ايراني: اوهان امام خمينيءَ جي لاءِ هڪ جملي ۾ ڇا چوندا.
**مان:** سوچڻ لڳان ٿو ........ ڇوان تہ تاريخ ساز شخصيت .... مئل قوم ۾ روح ڦوڪيندڙ ... نہ نہ .... امام حسين جو سچو پوئلڳ (هي بہ

خوش ٿي ويندا) نہ نہ پلا چوان تہ اسان وٽ تہ مشهور آهي تہ ناشتي ۾ بہ جرنيل مانجهاندي ۾ چار.. ۽..(چربو آن چا؟)

"ان ڳالهہ جو وري عملي ايمان ڏياريندڙ تہ فتح آخر عوام جي ئي ٿيندي آ چاهي مد مقابل کهڙو بہ طاقتور ڇو نہ هجي" مون کين چيو ۽ هن کي جڻ گم ٿيل ٻار ملي ويو هو ڇو تہ منهنجي دير سان جواب ڏيڻ هن ۾ اظطرابي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي. مونکي الائي ڇو لڳو تہ جڻ هن کي ان ئي هڪ راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو ۽ ظاهر آ تہ مهمان ٿي آيل هڪ مانائتي راءِ ئي ڏيندو. سرڪاري طور ائين ئي ٿيندو آهي تہ انهن يا چوندڙ رابن کي ڇپايو ويندو آهي ۽ رڪارڊ ڪيو ويندو آهي.

**مان:** ڳالهہ کي چورينيدي، کلندي هن کي چيو تہ اهو بہ سنو ڪم آهي تہ وڌيڪ بهتريءَ لاءِ بہ راءِ معلوم ڪرڻ گهرجي ۽ نقص بہ معلوم ڪجن تہ جيئن سماج ۽ قانون تي جمود طاري نہ ٿي وڃي ۽ بهتري ۽ ترقي بيهجي نہ وڃي!

**ايراني:** يقينن يقينن

**مان:** ماڻهو اهو ان وقت نہ پڇندو آهي جڏهن يا تہ هو سمجهندو هجي تہ ڪوبہ نقص نہ آهي يا وري ڪيس خبر هجي تہ نقص ئي نقص آهن پڇڻ تي هرو ڀرو ڳالهہ کلي پوندي.

**ايراني:** ڪوبہ سماج نقصن کان پاڪ نہ آهي، اسانجو انقلاب نئون آهي، دشمن ڪوڙ آهن اسين ڪوشش ڪيون پيا تہ ان کي وڌ ۾ وڌ ڪارآمد بڻائجي.

**مان:** مان اها ڳالهہ اوهان سان انڪري بہ ڪيان پيو تہ اوهانجو واسطو ميڊيا سان آهي اوهان جي اک ۽ حواس ان هنڌ تائين بہ پهچن ٿا جتي عام ماڻهو نہ ٿو پهچي سگهي ۽ بي ڳالهہ تہ اوهان جي چاهيو تہ اهي ڳالهيون سرڪار تائين آسانيءَ سان پهچائي سگهو ٿا ۽ اڄ جي دور ۾ وڌ ۾ وڌ بهتري ميڊيا سان وابسطہ ماڻهو ئي آڻي سگهي ٿو، شهنشاهيت ختم ڪرڻ ۾ اوهان جو وڏو ڪردار رهيو آهي پر اوهان جي هوندي وري شهنشاهيت

قائم ٿي وجي ته اها چڱي ڳالهه ڪونه ٿيندي ۽ شهيدن جي روح کي به تڪليف پهچندي. هو پاڻ ۾ پارسيءَ ۾ ڳالهائڻ لڳا.... منهنجي لاءِ دٻي ۾ نڪريون! مون محسوس ڪيو ته همراهه خدا حافظ چوڻ جي تياريءَ ۾ آهن..... مون اهو به محسوس ڪيو سرڪاري ڪارندا نه صرف مهمانن جي پرپاسي ۾ آهن پر هنن جي به سارلهندا رهن ٿا. بهرحال اهو انهن لاءِ ضروري به آهي ڇو ته ٽيڪنالوجيءَ ۾ ايڊوانس ملڪ خاص طور سڄي دنيا کي پنهنجي مٺ ۾ ڪري رکڻ وارا هزار سختين ۽ پابندين مان ٽپي ڪوبه من گهريو عمل ڪري وٺن ٿا.



**آفتاب سومرو** هڪ اُن سُٺي ۽ ذهين شخص جو نالو آهي جيڪو فلسفي، اَدب، سياست، نفسيات ۽ پامستريءَ جهڙن علمن جي گهري ۽ سُٺي ڄاڻ رکي ٿو. نثر لکڻ دنيا جو ڏکيو ڪمُ آهي. ۽ اهو ڏُکيو ڪمُ، سفرنامي جي صورت ۾ آفتاب ڏاڍي سادگيءَ ۽ سولائپ سان ڪيو آهي. جيڪو سندس قلمَ جو ڪمال آهي.

**آفتاب سومرو** - مون کي قرة العين حيدر جي مُک ناول "آخر شَب ڪي همسفر" جو اُهو ڪردار ياسندو اَٿم. هڪُ اداس سياستڪار رائيٽر جيڪو من اندر ڀڳل ڀريل آهي پَرَ اڏول ۽ ڪاهوڙي آهي.

**آفتاب** - مارشل لا جي اونداهي دؤرَ ۾ "شعور" جهڙي ترقي پسند رسالي جو ايڊيٽر رهيو. بابو بيڪاري، عوام دوست ۽ سورج جي قلمي نالن سان لکندو رهيو آهي.

**آفتاب سومرو** - تعليمي حوالي سان ايم. اي (انگريزي) ايم. اي. (سماجيات) ۽ ايل ايل بي جون ڊگريون رکندڙ آهي اڄڪلهه نيشنل بوڪ فائونڊيشن سکر جو انچارج هئڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادبي سنگت شاخَ شڪارپور جو Active سيڪريٽري پڻ آهي ۽ شڪارپور ۾ رهيَ پيو.

**آفتاب سومرو** جو هي خوبصورت ايران جو سفرنامو، سنڌي ادب جي سفرنامن واري شيلف ۾ سهڻو ۽ سَگهارو اضافو آهي.

**آدرش**
**شڪارپور**

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڇاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)